شاعري

# مُکڙيون ماکَ ڦُڙا



مير محمد پيرزادو

ريکائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُکڙيون ماڪَ ڦُڙا

شاعري

مير محمد پيرزادو

ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي

2021

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: مُڪڙيون ماڪَ ڦڙا
ليکڪ: ميرمحمد پيرزادو
موضوع: شاعري
ڇاپو ٻيون: جنوري 2021
ڇپيندڙ: ريکائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 200 رپيه
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

*All rights reserved*

Book : Mukherryoon Maak Furra
AUTHOR : Mir Muhammad Pirzado
Content : Poetry
Second Edition : January 2021
Publisher : Rekhaoon Publication Karachi
Price : 200 Rs
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ماهوار سنڌي ريکائون ڪراچي

ڏتي بخش خاصخيلي ڳوٺ،
ڀٽائي آباد ڪراچي
03337551931

rehmatpirzado@yahoo.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي ڪتاب دل جي گهراين سان ارپيان ٿو

## مولانا غلام محمد گرامي مرحوم جن کي،

جنهن هر اُس ۽ ٿاڪ تتيءَ ۾ گهاٽي ٻڙ جيئن ڇانوَ پئي ڪئي. سندن شفقت ڀرئي هٿ هيٺ، زندگيءَ جون تلخ گهڙيون سڪون سان گذريون ۽ جنهن جي مُرڪ اندر اُتساهه جا سوين سنديش مليم.

**ميرمحمد پيرزادو**

# سنڌ

اداري پاران.........................................رحمت پيرزادو05
مهاڳ.....................................................انور پيرزادو06

نظم ........................................................................ 20

غزل ........................................................................ 55

گيت ........................................................................ 83

وايون ........................................................................ 111

ٻي شاعري ........................................................................ 130

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُهاڳ

عام پڙهندڙ جڏهن ڏسندو تہ شاعر ميد محمد پيرزادو، ڇپائيندڙ اداري ۾ فيض پيرزادو ۽ مهاڳ لکندڙ انور پيرزادو آهي تہ هن کي ضرور محسوس ٿيندو تہ هي هڪڙي ئي گهر جي ڳالهہ آهي. بس 'انجمن تحسين باهمي' جيان هڪ ٻئي جي تعريف ڪانسواءِ، خاص ڪري مهاڳ ۾ تہ، ڪجهہ نہ هوندو. مهاڳ لکندي اهو انديشو مون بار بار پئي ياد ڪيو آهي ۽ ڪوشش ڪئي اٿم تہ هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ شاعر سان انصاف ڪريان. اصولي طور تي ڪنهن شاعر کي مهاڳ يا عام پڙهندڙ جي ڪورٽ ۾ اهڙو جوابدار سمجهڻ نہ گهرجي، جيڪو انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ هرهڪ ماڻهوءَ کي ٻاڏائيندو رهي. پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تہ شاعر ڪنهن جي آڏو جواب دار نہ آهي. فن تيستائين بلڪل هڪ شخصي معاملو آهي، جيستائين اهو فنڪار جي ذهن ۾ ماندڪائي وچان ڦٿڪي رهو آهي يا ڪنهن ماني ساگر وانگيان وچايو پيو آهي. پر جڏهن بہ فن کي ڪو اٽڄاڻ اُڌمو اڇلون ڏيئي، ٻاهر ٿو ڪڍي تہ پوءِ اهو فن قومي ملڪيت ٿيو پوي. پلي تہ اهو اجان اکرن جي صورت نہ بہ وٺي ۽ رڳو آوازن جي آڌار تي بي انت فضا ۾ ڪجهہ لهرون جاڳائي گم ٿي وڃي. ان حالت ۾ فن جو زباني اظهار پڻ پروپئگنڊا جي شڪل ٿو وٺي ۽ پروپئگنڊا ڪونہ ڪو اثر ٿي ڇڏي، ۽ اهو اثر عوام جي دلين ۽ ذهن کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت، متاثر ٿو ڪري. وري جڏهن فن جو اظهار اکرن جو روپ ٿو ڌاري تہ پوءِ اها لکت هڪ مادي حقيقت ٿيو پوي اهڙي لکڻي کي الائي ڪيترا انسان، الائي ڪيترا دفعا پڙهن، تنهن جو دارومدار ان تي آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام پنهنجي علمي ۽ ادبي ورثي کي بچائڻ، سهيڙڻ ۽ سانڍي رکڻ لاءِ، ڪيتريءَ حد تائين عملي طورتي تيار آهي. پر اهو سچ آهي تہ فن جي اڪري صورت، فن جي لفظي صورت کان وڌيڪ عمر ماڻي ٿي. ان ڪري عام طور چيو ويندو آهي تہ فنڪار سوچڻ جي حد تائين تہ بلڪل آزاد آهي، البت جڏهن هو ڪجھ لکي ٿو تہ پوءِ هن کي سمجهڻ گهرجي تہ اها شي هاڻي هڪ قومي امانت ٿي چڪي آهي. ۽ فنڪار پلي تہ اهڙي جوابداري کڻڻ لاءِ تيار هجي يا نہ هجي، پر هن جي حق ۾ اهو فيصلو ضرور ٿيندو تہ هن پنهنجي عوام کي فن ذريعي چرس يا آفيم جو روڙو ڏنو آهي يا بندوق جي گولي؟ پنگ چُڪو آڇيو آهي يا سوچ جي امرت رس؟ اهڙيءَ طرح دنيا جو هر فنڪار پنهنجي عوام آڏو جوابدار آهي. انفرادي توڙي اجتماعي ٻنهي صورتن ۾. ساڳيءَ طرح ميرمحمد پڻ پنهنجي ضمير، پنهنجي ۽ ٻين جي اندر جي آدمي، فن جي سچائيءَ، حقيقت نگاريءَ، عوام، عام ۽ خاص پڙهندڙن، نقادن ۽ هر اُن انسان آڏو جوابدار آهي، جيڪو هن جي شعر کي پڙهي يا ٻُڌي ٿو. ان ادبي ۽ فني وٺ پڪڙ کان شاعر يا ليکڪ کي ڪوبہ بچائي نٿو سگهي. باقي جيستائين ڪنهن فنڪار سان انصاف ڪرڻ جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ تخليقي فنڪار کي پڙهندڙ آڏو انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ڳيجهو ٿيڻ جي قطعي ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ فنڪار سان انصاف پنهنجو پاڻ سان انصاف ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن فنڪار سان انصاف نٿو ڪيو وڃي تہ اها بي انصافي، قومي ڏيوالو سڏبو، جنهن تي فنڪار وري بہ پنهنجي فن جا ڪجھ ڳوڙها هاري سگهي ٿو. اسان وٽ اهڙيون روايتون موجود آهن، جن مطابق پٺائي کان وٺي اياز تائين ۽ اياز کان وٺي اڄ جي نئين نڪور ترقي پسند فنڪار تائين، بي شمار تخلقيڪارن تي الائي ڪيترا پيرا ٻاهوڙون ۽ جلهون ڪيون ويون آهي. پر عوام جي ارتقائي اُمنگن ۽ انهن ترقي پسند اُمنگن کي خوبصورت ۽ سُريلن لفظن جو روپ ڌاريندڙ فنڪار ۽ دانشور اڳي کان اڳرا رهيا آهن. ان ادبي بي انصافي لاءِ صرف ائين ئي چئي سگهجي ٿو تہ:

’نہ ڪي اسين ڇهڙا نہ ڪي اسين چور‘
هنگاما ۽ هوڙ، ڪتا ڪرين ڪن تي.

ميرمحمد سان هڪڙي ادبي بي انصافي تہ اها ٿي آهي جو هن (سندس چوڻ مطابق) 1967ع کان معياري شعر لکڻ شروع ڪيو آهي، پر سندس شاعري جو ڪو مجموعو 1982ع کان اڳ ۾ اچڻ جي گهڻ ۾ گهڻ مونکي پڪ ڪانهي، البت هن ڪتاب ڇپائيندڙ دوستن جو خيال آهي تہ ڊسمبر 1981ع جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪتاب تيارُ ٿي ويندو ۽ اهوئي سبب آهي جو دوستن منهنجي جائز ناجائز ڪاهلي کي بلڪل برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ گن پوائنٽ تي مهاڳ لکرائڻ جي موڊ ۾ آهن. گنريل ۱۴ چوڏهن سالن ۾ ميرمحمد جيڪو شعر لکيو آهي، ان کي ڇاپجي تہ ههڙا گهڻ ۾گهڻ ٻہ ادائي ڪتاب ٿي ويندا. اها حقيقت آهي تہ ميرمحمد پنهنجي همعصر شاعرن جي ڀيٽ ۾ تعداد جي لحاظ کان تمام گهٽو لکيو آهي، ۽ اجان تائين هن جي جذباتي زندگي جوان آهي، جنهن ڪري هو برابر لکي رهيو آهي باوجود ان جي تہ هن جا ٻارڙا وڏا ٿي رهيا آهن ۽ ٻارت جي هڪ شاعر اير ڪمل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: ”خواهشون ننڍڙيون ٿي ويون، ٻارڙا هاڻ وڏا ٿي ويا آهن.“

ميرمحمد جو چوڻ آهي تہ هن معياري شعر 1967ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي. پر مون کي ياد آهي تہ مان ڪافي ننڍيو هوس ۽ ان زماني ۾ شاعري ۽ ادب اجان تائين منهنجي سمجهہ ۾ ڪونہ ايندا هئا. الائي ڪهڙو سال هو، هڪ دفعي ڳوٺ (ٻلهڙيجي) ۾، جنهن ۾ اسان ٻئي پيدا ٿيا آهيون ۽ بعد ۾ جتي جون گهٽيون، چارا، وڻ راهہ ۽ اُتي جو ڦِنل ۽ ويران حسن، جيڪو هر سنڌ جي پنتي پيل ڳوٺ کي حاصل هوندو آهي، اسان ٻنهيءَ جي شاعريءَ جو پس منظر / ڪئنواس ٿيڻ لڳو هو، تنهن ۾ ڪنهن هنڌ ميرمحمد مون کي چيو هو تہ اچ توکي (فلاڻي) شاعر جا ڪجهہ بيت ٻڌايان، انهيءَ زماني ۾ اهو شاعر ڏاڍو ناميارو هو. مون اهي بيت هڪ هڪ ڪري ٻڌا، مون کي ڏاڍا وڻيا ۽ پنهنجي سمجهہ آهر، تعريف بہ ڪيم، بعد ۾ ميرمحمد مون کي ٻڌايو تہ

اهي شعر هن پاڻ لکيا آهن، جنهن تي مان دنگ رهجي ويو هوس. ان وقت پهريون دفعو مون لاءِ اهو انڪشاف ٿيو هو تہ ميرمحمد شاعر آهي. مون کي ياد آهي تہ مون ان وقت اهوئي محسوس ڪيو هو تہ جنهن شاعر جي نالي ۾ هن پنهنجا شعر پڙهي ٻڌايا هئا، سندس شعر ان جي بيتن کان بہ بهتر هئا. (مان ان شاعر جو نالو لکڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ تہ هو هاڻي وڏيڪ پبلسٽي جو لائق ناهي). سو ميرمحمد 1967ع کان گهڻو وقت اڳ ۾ شاعري ڪندو رهيو آهي. جنهن جي تاريخ يا سال هو ڪنهن خصوصي انٽرويو ۾ ڪنهن وقت ظاهر ڪري سگهي ٿو. مون کي اها بہ خبر آهي تہ ميرمحمد جو والد صاحب پڻ هڪ اهڙو شاعر هو، جنهن جو پسگردائي ۾ ڪافي نالو هوندو هو. ميرمحمد سان اها بي انصافي ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي اڪثر اديبن ۽ شاعرن سان ائين پئي ٿيو آهي. ان جو هڪڙو مثال اهو بہ آهي تہ سنڌي ٻولي جي علي بابا جهڙي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نويس جو اڃان ڪو بہ مجموعو نہ ڇپيو آهي. علي بابا لاءِ بہ اها ئي راهہ کليل آهي تہ هو ميرمحمد وانگي چندي چاڙيءَ سان پئسا گڏ ڪري وجهي ڪو ڪتاب ڇپائي. البت ان راهہ تي علي بابا جو هلڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جنهن جي مون کي پڪ آهي. ميرمحمد سان ٻي ادبي بي انصافي اها آهي تہ اڃ تائين هن جي هڪ بہ وائي، غزل يا گيت، ريڊيو پاڪستان يا پاڪستان ٽيليويزن تي ڪمپوز نہ ٿيو آهي. جڏهن تہ هن جي لکڻ جي رفتار اها آهي تہ، صرف هن مجموعي ۾ هن جون 16 وايون، 15 گيت ۽ 20 غزل شامل آهن. ان تعداد کان وڌيڪ هن جون رس ڀريون وايون، گيت يا غزل اڃان پوئتي آهن جن کي هو اڳتي هلي ڇپائڻ جو سوچي رهيو آهي. ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي اڄ تائين ميرمحمد جي همعصر شاعرن مان ڪيترن جا شعر ڪمپوز ٿيا آهن ۽ ڪهڙا شاعر ڳايا ويا آهن.

انهن ۾ ريڊيي ۽ ٽي – وي تي ڳايل شعر کي ڳائڻ واري تخليقي خاصيت ڪيتري قدر گهري آهي ۽ هن شاعر جنهن کي ريڊيي ۽ ٽي – ويءَ تي نظرانداز ڪيو ويو آهي، تنهن جي شعر ۾ ڪيڏي رواني، رس، موسيقي ۽ پُختو بحر وزن آهي. ان جو احساس هڪ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن اسان سڀني کي ضرور ستائيندو ۽ ڏڪوئيندو جن ۾ ريڊيو ۽ ٽي - وي ۽ جا عملدار بہ شامل هوندا.

هن مهاڳ ذريعي مان پڙهندڙن، وس وارن، صحافين ۽ ٻين سڀني واسطيدارن کي التجا ڪندس تہ هو ريڊيو ۽ ٽي - وي تي لائق فنڪارن ۽ حقيقي تخليقڪارن کي نظرانداز ڪرڻ واري رجحان بابت آواز اُٿارن ۽ اُن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، جيڪا هڪ خاص ادبي خدمت ٿيندي.

البت ميرمحمد سان انصاف (سو بہ پورو سارو) رڳو ادبي رسالن ڪيو آهي، جن کي پنهنجي ليکي مواد بہ گهربو هو تہ جيئن پرچو پرچي چپچي ۽ هن شاعر جو شعر بہ پسند آيو هون، جنهن ڪري هو ڪافي ڇپيو آهي، سهڻي، سوجهرو، مهراڻ، برسات ۽ نئين زندگي کان علاوه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نڪرندڙ ۽ نڪري گم ٿي ويندڙ ڪيترن ئي ادبي ڳٽڪن ۾ ميرمحمد جو شعر ملي ٿو، ان ڪري سنڌ ۾ پڙهندڙن جو هڪ وڏو تعداد هن کي سڃاڻي. ان سلسلي ۾ بہ ميرمحمد پنهنجن ڪيترن همعصرن کان گوءِ کڻي ويو آهي.

هن مجموعي ۾ سندس 24 نظم، 15 گيت، 20 غزل، 16 وايون، 43 دوها ۽ ڪجهہ نيون مغربي صنفون آهن، جن ۾ ترائيل، سانيٽ، ۽ هائيڪا بہ شامل آهن. هڪ ٻي صنف جنهن کي اڳي ڪنڊلي چيو ويندو هو ۽ پڇن جو هڪ رسيلو فارم هئي تنهن کي پڻ ميرمحمد 'ڇهہ تارو' جي نالي سان لکيو آهي. فني لحاظ کان 'ڇهہ تارو' ڇند تي لکيو ويندو هو، جنهن کي ميرمحمد عروضي بحر ۽ ڇند ٻنهي طريقن سان ننڍي فارم ۾ اڪثر ڪري 14 ماترائن ۾ لکيو آهي. هن صنف تي نئين ٽهيءَ مان تاج جويي، اياز گل، مختيارملڪ، ج - ع منگهاڻي ۽ ميرمحمد خاصو لکيو آهي. هر نئين صنف کي لکڻ تہ ڪو ڏکيو ڪم ناهي، البت ان جو نباهُ ئي اها ڪسوٽي آهي، جنهن کي پڙهي فيصلو ڪري سگهجي ٿو تہ ڪنهن شاعر، ڪنهن صنف جي فني سِنّاءَ کي پورو ڪرڻ سان گڏوگڏ اُن ۾ اعليٰ شاعراڻي مقصد کي، ڪيتري موهيندڙ حد تائين، پريو آهي. ميرمحمد ان سلسلي ۾، هن ڇهہ تاري تي پرکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو:

ان ڪڻا، آسون اڏما،
جيوت لاءِ، ٽوٽيون ٽنيا،
ٽوٽيون ٽنيا، لُڏي پون،
سارا جذبا ٻڏي پون،
چَٻٽا آهن رُڪَ ـ چٽا،
موتي، موتيُ ان ڪڻا.

هن ’ ڇهه تاري‘ ۾ ان ڪڻن کي آسون، موتي ۽ اڏما ڪوٺڻ ۽ جيوت لاءِ انهن کي ٽوٽيون ۽ ٽنيا ڪوٺڻ، وري مهانگائي جي پس منظر ۾ ان ڪڻن کي رڪ چٽا ڪوٺڻ خوبصورت شاعري ئي ٿي سگهي ٿي.

ميرمحمد نئين ٿهيءَ جو، سنڌي ترقي پسند شاعر آهي. سنڌ ۾ اهڙي قسم جي شاعر لاءِ ضروري آهي ته هو سنڌي شاعريءَ جي سنن، فنائتن، سريلن ۽ ترقي پسند روين کي پنهنجو ڪري ۽ حدي خارج، غير حقيقت پسند، فن کان وانجهين ۽ رجعتي روايتن کان بغاوت ڪري- اهڙي طرح نه رڳو هو سنڌي شاعريءَ جي پراڻين ۽ نين روايتن مان بهتريءَ جي چونڊ ڪري، پر عالمي شاعريءَ جي ڪئنواس تان پڻ اهڙا رنگ ڪٺي سنڌي ٻوليءَ جي رنگ ۾ ٻوڙي پيش ڪري. اسان وٽ ڪي ماڻهو زندگي توڙي شاعريءَ جو مٿاڇرو اڀياس ڪندي قديم شاعريءَ کان نفرت ۽ جديد شاعريءَ سان الفت پيدا ڪرڻ جي غير سائنسي ڪاوش ڪندا آهن. انهن ماڻهن لاءِ هر پراڻي شيءِ غلط ۽ هر نئين شيءِ بهتر ليکي ويندي آهي، پر انساني تجربن اها ڳالهه چٽي ڪري ثابت ڪئي آهي ته نه سڀئي پراڻيون روايتون غلط آهن ۽ نه سڀئي نيون روايتون قبول ڪرڻ جهڙيون آهن.

مثال طور ڀٽائي سنڌ جي ڪلاسيڪل دور جو شاعر آهي جيڪو 17 صدي عيسوي ۾ موجود رهيو، پر ڀٽائي جي مطالعي ڪانسواءِ ۽ ڀٽائي جيڪو سنڌي شاعريءَ کي ڏنو آهي ان کي نظرانداز ڪري ڪوبه اڄ جو سنڌي شاعر پنهنجي شاعري ۾ رس ڀري نٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل ۾ جيڪو پارٽ ادا ٿو ڪري ان جو تاثر شاعر جي داخلي جذباتي ڪيفيت واريءَ بنيءَ ۾ پچي جنهن صورت ۾ نڪرندو آهي اها شاعري آهي. ان شاعري ۾ گرمي جو دارومدار ان بنيءَ جي ٽيمپريچر تي آهي. اها بني در حقيقت فنڪار جي ذهني دنيا آهي جنهن جي جوڙجڪ فنڪار جي جملي مطالعي، مشاهدي ۽ عملي جدوجهد مان ٺئي ٿي، جيڪا هو هن دنيا ۾ سونهن کي بچائڻ لاءِ، حق جي حمايت ۾ ۽ ڪوڙ خلاف جاري رکي ٿو. جمال ابڙي جي چواڻي ته: ”فنڪار تڏهن ئي بهتر ۽ ترقي پسند لکڻيون لکي سگهي ٿو جڏهن عوام جي ارتقائي جدوجهد ۾ قدم قدم سان ملائي هلندو هجي“. فنڪار ذهني جذباتي يا عملي طور عوامي هلچل کان ڪٽجي صرف اکر ئي لکي سگهي ٿو جنهن جو فن سان تمام گهڻ تعلق هوندو آهي. سو ميرمحمد جي شاعري خود هڪ نوس شاهدي آهي ته هن جو ذهن عوامي امنگن جي تاريخي ۽ ارتقائي هلچل کي ڪيتري حد تائين قبول ڪري ٿو، هن جي واقعن ۽ حالتن ڏانهن جذباتي موٽ ڪيتري سنجيده، جذباتي ياگهري آهي ۽ هن جي فن ۾ ڪو مقصد به آهي يا رڳو اکر ۽ جملا آهن.

مٿيان ماپا ۽ اصول پڙهندڙن جي آڏو آهن. منهنجي خواهش آهي ته اسان جو سنڌي پڙهندڙ تخليقي طريقي سان شاعرن کي پڙهي. ڇاڪاڻ ته تنقيد خود تخليق کان گهڻ فن ڪونهي. هر پڙهندڙ وانگي ميرمحمد جو شعر پڙهي مان به ڪجهه نتيجن تي پهتو آهيان جيڪا منهنجي ذاتي راءِ هوندي. البت مهاڳ ۾ مان اهائي ڪوشش ڪندس ته هڪ ته پڙهندڙن آڏو ڪجهه ڪسوٽيون رکان جن تي هو ميرمحمد کي پرکين ۽ ٻيو ميرمحمد جي شاعريءَ ۾ جن نقطن يا خصوصيتن کي اُجاگر ڪرڻ گهري اُن جو حوالن سان ذڪر ڪيان.

منهنجي خيال ۾ ميرمحمد انهن ٿورن شاعرن مان هڪ آهي جن جهڙي عُروضي شاعري پختگي سان ڪئي آهي، اهڙي ئي آزاد شاعري ڪئي اٿس. سنڌي شاعرن جي اڪثريت هونئن ته آزاد شاعري مختلف عروضي بحرن ۾ ڪئي آهي. انهن ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاج بلوچ ۽ شمشيرالحيدري پڻ شامل آهن. امداد حسيني جا پڻ ڪجهه نظم بحرن تي لکيل آهن. پر پوءِ بہ آزاد نظم کي چند وديا يا چوٽي بحر ۾ خوبصورتيءَ سان لکندڙن ۾ امداد حسيني جو نالو اول ايندو. عروضي اثر کان آجو ڪري نظم لکندڙن ۾ خاص ڪري ليکڪائن مان سلطانہ وقاصي ۽ ميران خوبصورت تجربا ڪيا آهي. ميرمحمد جا نظم پڙهي مون کي نقاش ياد ايندو آهي جنهن جي آزاد نظمن تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۾ بحث ڪندا هئاسون. هي بئي يار عُروضي توڙي آزاد شاعري ڪندي ذري گهٽ هڪ جهڙو توازن برقرار رکي سگهندا آهن. آزاد نظم جيئن تہ شاعريءَ جي بين صنفن جي ڀيٽ ۾ تخليقڪار کي سوچ جي اڏام لاءِ اڻ کٽ ميدان مهيا ڪري ڏئي ٿو، ان ڪري آزاد شاعري سوچ فهم ۽ مقصد جي لحاظ کان شاعريءَ جو سڀ کان ڪامياب قالب آهي بشرطيڪ ان لاءِ بيون ضروري گهرجون پوريون ڪيون وڃن. جن ۾ ردم، وزن، خيال جي رواني، لفظن جي اندر واري موسيقي ۽ اظهار جون بيون انيڪ ڏارائون شامل آهن. ميرمحمد پڻ نظم ۾ عروضي بحر استعمال ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ هن جا 24 نظم شامل آهن جن کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو تہ هن يار آزاد نظم يا پابند نظم (جنهن کي منهنجي خيال ۾ صرف نظم ڪوٺڻ بهتر ٿيندو) کي عُروضي شاعريءَ جي مقابلي ۾ جيترو وقت ڏنو آهي ۽ ان ۾ جيڪا مشق ڪئي اٿس، اوتري ئي ڪاميابي حاصل ڪئي اٿس. ميرمحمد جو نظم ’ اَنَ جو داڻو‘ خيال ۽ فن جو هڪ خوبصورت سنگم آهي ۽ انسان ذات وچان هاريءَ جهڙي پيڙهيل طبقي جي شاندار تصوير آهي. ميرمحمد چند تي ورلي ڪو نظم لکيو آهي. عروضي بحر تي لکيل هن جي ٻن ڪامياب نظمن جا ٽڪرا مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

مُرڪ کي موڙيو مروڙيو،
ٽهڪ ٽاندن ۾ وجهو،
مهڪندڙ منهن تي،
پلي دانگي مليو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ٻهڪ ڪي،
ٻاڻ سان چيريو ڪپيو.......

يا وري:

هي جي رت جا ڳوڙها وينو ڳاڙيان مان،
راتيون جاڳي،
سوچ ڏياٽيون ٻاريان،
تن جي عيوض:
معصومن ڪي مُرڪ ملي جي،
مظلومن جو داد ٿئي جي،
وڏوائن جو سڏ ورايو،
منهنجو مُلهه چُڪايو.

نظم ۾ ڪن جاين تي محسوس ٿئي ٿو تہ ميرمحمد تي اياز جي ردم جو پڻ اثر نمايان آهي مثال هڪ هنڌ لکيو اٿس:

ڦول بہ ساڳيا، ماڪ بہ ساڳي،
ماٺهوءَ جي پر هاڪ نہ ساڳي.

سندس نظم 'مان تو ساڻ هوندس' جديد شاعري جو سر ڪيڏارو آهي جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ ان ۾ سمايل پيڙا جو احساس ٿئي ٿو. اهو نظم پڙهي نئين ايراني شاعري جي مهڪ اچي ٿي جيڪا درحقيقت لال لهوءَ جي سرهاڻ آهي.

ميرمحمد جڏهن پهريون دفعو مون کي سندس شاعري جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو هو تہ مونکي ذهن ۾ چار عڪس آيا هئا، "ڀٽائي، سنڌي سنگت، ٻهراڙيون ۽ حسن جو عشق" ڪيس ڀٽائي جا تمام گهڻا بيت ياد آهن، منجهن موجود سونهن، سوز، ڇنن ۽ ٻولي جي فني جڙاءُ سميت، نيٺ سنڌي راڳڻيون هن کي گهٽو ڪري سڀ سمجهہ ۾ ايندڙيون آهن. ميرمحمد ۽ مان زندگي جو هڪ خاصو حصو صوفي فقيرن سان گڏ گذاريو آهي جن جو مذهب راڳ، سماع ۽ سُر سنگيت هوندو هو. اتي نہ رڳو ڀٽائي جو ڪلام عام ڳايو ويندو هو پر ڀٽائي کان اڳاٽن سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن ۽ پنجاب ۽ هند جي عظيم

هتي تو پڇاڙا رڳو ڪنگ ٽي.
آڌي ويلي پونڪ ڪتن جي،
ڳوٺ سڄي ۾ سونچو پئي ٿو.
سوچون وڪريل ٿوهر ٻر ۾،
گهُٽيل دانهون پٽر پٽر ۾.

رومان، سک ۽ سور جي سوز جا ڪجهه مثال:

رات ڪٽي وئي، ڪين ڪٽو پنڌ،
ڪيڏو تنهنجو شهر پري.
منهنجي من جي اُڌمي وانگر،
چولي ۽ هرهر چال ڏنو.
ڪڪرن ۾ چنڊ ڪنهن جي ڪارڻ،
سهڻي ۽ وانگي ٻُڏي تري.
نه ڪا اک ئي ڦڙڪي. نه هڏڪي ٿئي،
وساري ڇڏيو آهه ڇا تو پرين!
قلف ڪڙي ۾ اوبتو آهي،
شايد اڄ هو آيا هئا.

ميرمحمد جي وائي، غزل، گيت ۽ نظم خاصيتن جو نچوڙ آهن. واين ۾ عڪس، عڪسن جا ترورا ۽ سونهن جا سَوَ رنگ، تن سيني شين جو اندازو صرف پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو.

سج به ٽپڪي انب جيئن آهي، ڇجي ڪري پيو پٽ،
رند رسي ويو آهه پرين ۽ جيئن.
ڪينر چوري آخر تڪبا، هڏ ڏاهيٺا هيٺا،
واءَ ۾ سڏڪي ويٺا.
رات سڄي ۽ جي رُئندن ڪي، پرهه ڦٽي پرپائيندي آ،
سانت به ڪڏهين ڳائيندي آ.
توکي ماري موت، انهي ۽ ڪان موت اڳيئي مار،
چوته سياٽي تون به نه هوندين.

رات انڌاري، ڪينجهر ڪپ تي، ڪڙڪبيتا ڃڻ ڪي ڏيا،
منهنجا گهايل گهايل اُڌما.
مري وڃڻ کان اڳ ۾ تنهنجي چانوَ ۾ ميڙيان ٻير،
موت تہ ڪوئي مهڙو ناهي.
ٻمن جي ٻوڇاڙ منجهان پيي، ڇُپي ڇوي ٿي ڪير،
موت تہ ڪوئي مهڙو ناهي.

فنڪار جي جانبدار يا غير جانبدار ٿيڻ بابت بار بار بحث ٿيندا رهندا آهن. ميرمحمد پنهنجي هڪ شعر ۾ ان سوال جو جواب هيئنيءَ ريت ڏنو آهي.

خوشبوءِ، بدبوءِ وير ورايون،
روز ازل کان وڙهنديون آيون،
ويڙهہ انهيءَ ۾ ”تون“ ۽ ”مان“،
شامل آهيون هڪ ڏر سان،
هاڻ ٻُڌائج تون ئي سائين!
ڪنهن جو پاسو تيڻ تو چاهين،
سچ ۽ ڪوڙ جي جهيڙي اندر،
ڪنهن سان ساٿ ڏيڻ تو چاهين،
جڳ ۾ ڪيئن جيڻ تو چاهين.

ميرمحمد جي دوهن ۾ ڪلاسيڪي دوهيڙي سان گڏو گڏ اڄ جي دور جون پيڙائون برابر موجود آهن:

ڪُڏڻي ۾ بندوق تي ليٽي، سپاهيءَ آ سوچيو،
منهنجي ماءُ آ گوٺ انهيءَ ۾، جنهن ۾ بم ڪريو،
ڪن ۾ شعلا ڪنوڻيون ٻڻجي، ساڙي گوٺ ويا،
پرهہ ڦٽيءَ جو رڪ انهيءَ تي، چمڪن ماڪ ڦڙا،
مينهن ڪڻي يا ماڪ ڦڙي يا ڳِل تان وهندڙ ڪو ڳوڙهو،
پاڻي آهي پٽ تي ڪرندي پنڌي ڪجهہ بہ ڇڏي نہ ويو،
منهنجا گيت برابر توکي ڏوُ نہ ڏيندا يار!
تنهنجي ڏوَ جو راز جنهن ۾ سائين ڏيندءِ سار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هاڻي مير محمد جي شعر ۾ تشبيهن جا ڪجهه اولڙا ڏسو:

بوند أني آ، يا تي آهي،
ڌرتيءَ منهن تي ماتا داڻ.
اُڀ شفق ۾ مياڻي وانگر،
ريتي ريتي رتو چاڻ.
ڪيئي جن ته ڪتاب ڪُليل،
ابهم، ابهم پار سُتل.
موت وهيءَ جو جڻ ته پرين!
گيت اڌورو رهجي ويو.
رات ڪراڙي جُهور مرڻ تي،
چنڊ ڪڙيو آ، ڪڙڪي ڪول.
لُڙڪ اکين ۾ ائين ٿي بيٺو،
ٻوليءَ ۾ جڻ جڙيل مٺيو.
يا ته مُنڍيءَ تي اڇو ٻُڙو آ،
موتئي تي جڻ ماڪ ڦُڙو آ.
گهگهه ۾ ڪڙ ڪبيتو چمڪي،
جڻ ڪو شاعر شعر چوي ٿو.

هن ڪڙ ڪبيتي جهڙي شاعر جو ذهني پورهيو پڙهندڙن جي آڏو آهي. منهنجي خواهش آهي ته سندس پورهيو سنڌي ٻولي، شاعري ۽ ادب جي دنيا ۾ امرُ ٿي وڃي.

**انور پيرزادو**

16 نومبر 1981ع
لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم

گهر تہ منهنجو ساڳيو آهي،
جنهن جون پٽيون،
چيرا چٽيون،
دريون، درُ بہ ساڳيو آهي.
آڳرُ ساڳيو،
اندر ۽
ٻاهر ساڳيو.
ساڳيو آهي وڻ پپر جو،
جنهن تي جهرڪين ٻوليون ساڳيون،
هوا ڏئي ٿي لوليون ساڳيون،
تو ۽ مون هت رانديون رهيون،
گڏين جون ۽
مٽيءَ مان ڪي گهگهڙا ناهي،
تن ۾ سارو خيال سمائي،
هيءَ ۽ هوءَ دنيا جڻ تہ هتي ئي گڏ ڪري،
ڏينهن سمورو،
ورونهن وندر ۾،
ڪيئن نہ گذري ويندو هو.
پرڻن تي پو پازيءَ جو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهندڙ سج جا،
لاکَ ـ رَتا ۽ لال هي ڪرڻا،
جوڀن وارو رت سمورو،
هاري هاري اڄ بہ وجن ٿا.
پنهنجي ساڳي مُند ورڻ تي،
اُبَ ـ اُ ڳڻ تي ٽهلي ٿو پيو،
ڪڪر بہ ساڳيو،
منهنجو آهي گهر بہ ساڳيو.

ساڳيو ساوڻ، ساڳيو سيارو،
سرءُ، بهار بہ ساڳيو پيارو.
سج اڀي جيئن اُيري الهي،
چوڏهينءَ تي ٿو چنڊ بہ نکري،
ڦولن ۾ سُرهاڻ بہ ساڳي،
ماڪ سندي آلاڻ بہ ساڳي،
پوءِ بہ هڪڙي ڳالهہ انوکي،
پٽري پٽ پٽر تي پئي آ.
منهنجو جيڪو ساڳيو گهر آ،
تنهن ۾ واقعي ساڳيو در آ.
ساڳيو اندر، ساڳيو آڳر،
ساڳيا وڻ ٽڻ، ساڳيا منظر،
ڦول بہ ساڳيا ماڪ بہ ساڳي.
ماڻهوءَ جي پر هاڪ نہ ساڳي!
ناهہ نظارن ۾ بہ مزو ڪو،

پنهنجو جڻ تہ ناهي پنهنجو.
پنهنجا آڳر اڱڻ پنهنجا هوندي اڄ ڇو ڪين لڳن ٿا،
جهرڪين ڇهڪا ٿوڪون ڪن ٿا،
ماڪ نہ آهي وڻ روئن ٿا،
ڪکر رڙن ٿا.
سڄ جا ڪرڻا، ڦڙڪي ڦڙڪي ساهہ ڏين ٿا!
گهر جون ڀتيون، در دروازا،
مون کان اڄ ڪو سوال پڇن ٿا،
هي ڇا ٿي ويو؟
ءَ ڇو ٿي ويو؟!
مون کي منهنجا پاڙي وارئو!
گڏجي سڏجي،
گهر هي منهنجو پرچائي ڏيو!
ماڳ وري موٽائي ڏيو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ان جو داڻو

ان جو داڻو:
هار ۾ ڪڍهين پوئبو ناهي،
ڇو تہ اهو ڪو موتي ناهي!
پوءِ بہ ڪيئي هار ڇڏي،
سورنهن ئي سينگار ڇڏي،
ان ڪٽي جي ڪڍ او سائين!
پڄبو آهي.
انَ جو داڻو:
اک مان ڳاڙيل،
ڪوسو، کارو ڳوڙهو ناهي!
قرب سندي جو ڪاند لڳي تو،
ڳوڙهو ناهي، هانءُ ڳري تو.
پوءِ بہ ڪيئي لڙڪ لتاڙي،
پره - ڦٽيءَ کان پوياڙيءَ تائين،
بکيا، ڏکيا زنده لاشا،
پنهنجو من گنوائن ٿا،
۽ پوءِ ان اُپائن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪٽي تان پاپ ٿين ٿا،
ان ڪٽي تان پيار ٿين ٿا،
ان ڪٽي تي دنيا قائم،
اِن سان ئي وهنوار هلن ٿا.
ان ڪٽي سان اڄ جا رشتا ناتا،
ٽهن ڏهن ٿا!
ڏهن ٽهن ٿا!
هر هڪ دل تي، ان ڪٽي جو راڄ هلي ٿو،
اِن تي ئي سنسار پلي ٿو.
ان جو داٽو:

جڻ تہ سڄي ماٺاڻ منديل جي ڪنجي آهي!
پر جو ايءَ ڪنجي ٿو ناهي،
ريٽو رت ٻنين ۾ هاري،
تنهن جي عيوض ان اُپائي،
الف اکر جيئن ننگو آهي!
اڄ جو ماٺهو، انَ مٿان تہ عاشق آهي،
پر جو ان کي انُ ٻنائي،
تنهن کي جيئڻ حق نہ آهي،
پوءِ پي هو پيو انُ اُپائي!
پوءِ پي هو پيو ان اُپائي!!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هاءِ حياتي!

هاءِ حياتي،
رَتَ - ڳِڙيءَ جيئن،
روڳ بڻي!
انجڻين وانگيان وهي وهي،
ڊورن وانگيان ڳهي ڳهي،
پاڻ وڃائي -
ساهُ سُڪائي -
مس وڃي، اَنَ رَتَ - ڳِڙيءَ تي،
ڪڙي چڙهي هئي!
پر هي هاڻي، منهنجي پُٽڙي،
پنهنجي هٿ سان، ان جي آهي ڪڙي اُڪيلي!
تڪجي تڪجي، سهڪي سهڪي
گهر ۾ جيئن ئي پهتو هان،
ايندڙ ويلي جائي ڪجهه پئسا ڪٽن تا،
تن لئِ سوچيان -
پُٽ اچي ۽ پيار منجهان، انگل ڪري تو:
”بابا عيد سياڻي آهي،
مونکي ڪپڙا ڏي نهرائي“
رَتَ - ڳِڙيءَ مان رت ٽمي تو،
سور وڌي تو!
هاءِ حياتي،
رَتَ - ڳِڙيءَ جيئن، روڳ بڻي آ !

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اکڙين ـ آکيري ۾....

تنهنجي اکڙين ـ آکيري ۾،
پنهنجون گهاريل گهڙيون،
ايئن پسان ٿو ـ
چنڊ جي سيني تي جيئن سائين!
سهڻا سهڻا سانورڙا،
تلڪ لڳن ٿا.
تنهنجي نيڻن ۾ آ جيڪو،
گهنگهور گهٽا جيئن گهرو گهيرو،
تنهن ۾ سائين!
منهنجا پياسا پياسا سپنا،
ڪنوٽين وانگر چمڪن ٿا.
گهايل گهڙيون، سندر سپنا ـ
نيڻن ـ ڇپر جي ڇانئن هينان،
ٽڙڪي ٽڙڪي،
لڙڪن جون ڪيئي لارون ناهي،
ٿمي پون ٿا.
تنهنجي ڳل تان ليڪو ناهي،
ڪاڏيءَ تي هُو موتي ٻڻجي،
مون کي ڪائي ياد ڏيارن،
آءٌ انهن کي ڪوڙي ڪوڙي ڳيت ٻڻائي،
پيئڻ ٿي چاهيو ـــ پي نہ سگهيس،
ڇلڪي پيا!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُرڪ

مُرڪ کي موڙيو مروڙيو،
ٺهڪ ٺاندن ۾ وجهو،
مهڪندڙ منهن تي پلي دانگي مليو،
هر ٻهڪ کي پاڻ سان چيريو ڪپيو ڏاڍو ڏنگيو،
پل تہ ڪوئي تنگ ٿي روئي ڏئي،
پوءِ بہ تنهنجو وس پڄي،
لڙڪ پيي ان کان ڪسي،
پل انهيءَ کي ٻاھ ڏي،
پر ياد رکُ!
جو انهيءَ ٺي ٻاھ جي ٿيندي ڄيپي،
تون تہ سڙندين، پر سندءِ سڙندا تہ ايندڙ نسل پيي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سندر سندر گيت لکي ڏي،

منهنجي هٿ ۾ پين ڏئي،
۽ ميڻ - بَتيءَ کي ڦوڪ ڏئي،
پوءِ مون کي چيئي:
”سندر سندر گيت لکي ڏي،
جنهن سان پنهنجو جيءُ رجهايان،
جنهن سان پنهنجو من پرچايان.“
اهڙي ئي ڪنهن گيت لکڻ لئِه،
اونداهين سان اٽڪان ٿو-
اي ڪاش! مان اهڙو گيت لکان!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تڏهن منهنجا ساٿي، مان توساڻ هوندس!

هي وستي، هي واهڻ،
هي سڙڪون، هي رستا ۽ چارا سمورا،
توهان ساڻ هوندا.
مگر چند چانداڻ جڏهين ڪندو،
پيو جيءُ هر ڪو جڏهن ٻهڪندو،
اڳاتو آ ڇاتو،
ڪو جذبو جڏهن ڪتڪتايون ڪندو،
تڏهن منهنجا ساٿي، مان توساڻ هوندس!

جڏهن مينهن وسندا،
جڏهن گاهه ڦٽندا،
جڏهن سبز ساري زمين جي مٿان،
ڪئي گل ٽڙندا،
ڪئي پوئر مڙندا،
۽ هٻڪار ٿيندي،
جڏهن سار ايندئي،
تڏهن منهنجا ساٿي، مان توساڻ هوندس!

وري ديس تي جي ڪڏهن ڏاڙا لڳندا،
تنين تي تون پرپور تي وار ٽندين،
تہ پوءِ هيئن ٿيندو:
(1) انهن کي تون ماري، مڃائي، پڄائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ديس کي هڪ دفعو ڦوهه جواني ۽ جوڀن
ورائي جي ڏيندين،
گلابي گلن جي مان مالها ڪا ٻنجي،
ڳچيءَ ۾ سنڌ؛ خوب پاڪر وجهي،
فتح جي مبارڪ ڏئي،
ائين جرڪندس جڻ -
نئين ڄامر جي ڄمر سندو چاڻ هوندس،
تڏهن منهنجا ساٿي، مان توساڻ هوندس!

(2) ڀلا ڪوئي ترڪش منجهان تير نڪري،
۽ سيني سنڌ ۽ مان وڃي پار پيو جي،
۽ هن ديس خاطر ڏنو سر ڪي تو جي،
ته پوءِ پير تنهنجا ڪائي هير چمندي،
سنڌ ۽ رت - ڦڙيءَ جي ڪرڻ تي پرين!
مٽي ملڪ تنهنجي جي، نئون ناچ نچندي،
سچو ڏيهه ڏسندو،
ته قومن جا هيرا،
سِرَن جي سِرُن تي وطن جي اڏاوت،
نئين سِر ڪندا هيئن آهن!
۽ امرتا سنڌ؛ جو، مان خود روح ٻڻجي،
سنڌ؛ ياد سان گڏ،
امر ٻڻجي ويندس،
تڏهن منهنجا ساٿي، مان توساڻ هوندس!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جي سامهون

منهنجي گهر جي سامهون،
سانت ۽ چپ چاپ بينل،
هڪ کني پاڻيءَ سندو آهي تلاءُ.
جنهن ۾ سينواريل، ڏپارو، سائو پاڻي پيل،
جو بہ گذري ٿو اُتان:
نڪ مٿان ڏئي ٿو رومال.
پر اُتان ايندڙ ۽ ويندڙ،
ان جي ڪپ تان ٿا پٽن،
سرخ ۽ سرها گلاب!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُرڪن جا رانديڪا

مُرڪن جي رانديڪن کي،
چهرن جي شوڪيسن ۾،
خوب سينگاري رکندي.
ابهم ٻارن کي ته ڪري ٿو سگهجي خوش.
پر هي ساڳيا رانديڪا (مُرڪون)
ساڳئي ئي شوڪيسن ۾ (چهرن تي)
ڪيڏا وڻندڙ چو نه لڳن، پر،
هر هڪ سوچيل سمجهيل کي:
...... گهنج گهنج منهن تي پائوڊر جيان.
...... نوٽ چپن تي سُرخيءَ جيان.
...... ٿوري جهڙ لاءِ ناهُه ـ نڳيءَ جو ته لڳن ٿا:
ڇو جو هو (سوچيل سمجهيل ماڻهو)
مُرڪن وارا مک جا پردا چيري ڦاڙي ـ
اندر جي انڌياري ۾،
سارو ڪوڙ ڪروڌ پسن ٿا:
پائوڊر پردي پويان گهنج!
سرخيءَ پويان چپ سُڪل!
سچ جي ڍڪ ۾ ڪوڙ ڍڪيل!
پتري پٽ هي پاڻ پسن ٿا.
ٻالپڻي جو ذهن رکن جي،
تن جي اڳيان وائکو ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ جي منهن تي مُرڪ سجايل،
دوکي تان هيئن پردو ڪڇندي.
خوب چڙن ٿا،
چوھ چندبن ٿا،
گهاٽ گهڙن ٿا!
سچ چوڻ آ جن جو ڪم.
پوءِ پي پنهنجو ڪم ئي ڪن ٿا!
ڪين مڙن ٿا!
ڪوڙ ڪي پوءِ پي ننگو ڪن ٿا!!

* * *

# شاعر ساريون راتيون جاڳي

شاعر ساريون راتيون جاڳي،
چور بہ جاڳي.
رات لڙيءَ جي سانت ۾ هلندي،
هوريان هوريان،
ماڻهوئڙن جي ننڊ جو پورو پورو فائدو وٺندي.
تن جي ميڙيل سيڙيل پونجي،
ڪنهن جي نڪ جي بولي، پنڙا،
ڪنهن جي سينڌ ڍڪڻ جي پوتي،
جيڪي ان جي هٿ لڳي ٿو،
چالاڪيءَ سان سڀ ڪٺي ٿو.
ننڍڙن ننڍڙن معصومن جا ٺهڪ لٽي ٿو،
مُرڪ لٽي ٿو، مهڪ لٽي ٿو،
گهايل گهايل سڌ گهٽي ٿو،
شاعر پنهنجي ڪٽ تي جاڳي،
خيال سندس ٿو ڏور وڃي.
سنهڙيون سنهڙيون،
ٻوساٽيندڙ گهٽيون جهاڳي،
ماڻهن ستل وستين ۾،
ڪاهي پئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي سهڻن سپنن جي هر عڪس اندر،
ريٽا ريٽا رنگ ڀري ٿو.
ڪنهن جو خالي پيٽ ڏسي،
۽ دانهن ڪري ٿو.
ڪو تہ جئي ٿو جواني ماڻي،
ساعت ساعت، ڪو تہ مري ٿو.
سارو منظر پَسندي پَسندي،
شاعر جو بس ڏيل ڏري ٿو.
سارو جوش سمائي ان ۾،
سندر سندر گيت لکي ٿو.
شاعر ساريون راتيون جاڳي،
چور بہ جاڳي،
پوءِ بہ فرق ٻنهي ۾ آهي!

* * *

## روح سارو راڳ جي لئہ تال ۾!

آءٌ انهيءَ ڳالهه کي تسليم بيشڪ ٿو ڪيان،
آءٌ جيءَ و تنهنجي مرضيءَ سان سهي،
تون جڏهن چاهين تہ ماري ٿو سگهين،
وٽ نہ ڪائي آءٌ آهيان، ئي سهي،
پر اندر منهنجي ۾ ميوزڪ هال جو،
۽ اندر جي اڱڻ تي،
آس پَرِيُن جو برهہ ناچ جو،
روح سارو راڳ جي لئہ تال ۾،
جهومندي بي حال هو،
سا مرڻ جي ڳالهه ناهه،
سا نہ آهي تنهنجي وس!
ناچ گهر کي تون نہ چاهين،
ناس تي سگهندو ضرور۔
مئي سندي تون موج مستيءَ کي متائي ٿو سگهين،
تنهنجي طاقت آهه ايڏي ئي سهي.
پر جڏهن موسم اچي ٿي مينهن جي -
هير بنجي هارمونيم،
سُر پکيڙي ٿي چڏي.
ونءُ جو پن پن.
برهہ ڪنهن ناچ ۾ نچندو ۽ ڪڏندو ٿو رهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ فضا هر پل ـ پيالي جي اندر،
مئي پري پياري چڙهي ـ
پوءِ تہ هي ماحول مئخانولڳي ـ
چيز هر ڪا پُرخمار،
ناچ چوڌس نغمگي،
روح سارو راڳ ٿئي!
ننڊ پي جڻ جاڳ ٿئي!!
تون جلي، ڪامي، پچي،
ڏند ڪرٽي جي اُٽين ـ
ڪابہ ان مان شيءِ نہ اهڙي آهہ جا،
تنهنجي طاقت جي اڳيان،
ڪنڌ نوائي ٿي سگهي!
تنهنجي طاقت ان سڀي منظر اڳيان ـ
هارڪائي ٿي وڃي.
آءٌ تنهنجي بي وسيءَ تي ٿو کلان ـ
تنهنجي مڪروهہ منهن تان پردو ٿو ڪڻان!

* * *

# ڪَوتا جي ڪناريءَ ۾!

ڪَوتا جي ڪناريءَ ۾،
سوچن جو مون سون پگهاري،
ان مان تو لئِہ چلڙو ناهيو!
منهنجو آسون، منهنجا اُدما،
اميدون، امنگ سپئي.
توسان گهاريل سُندر سُندر گهڙين جو جڻ تت سمورو،
چلڙي جي هر چٽ ۾ چٽيل!
سوچن جي هن سون منجهان،
اهڙو هڪڙو چلڙو ناهي،
تو ڏانهن موڪلي آيس جڏهين،
دل ۾ ڪتڪتايون اُيريون،
من ۾ ڪيئي اچلون ڪاڏيون،
۽ پوءِ سوچيم:
ان جو ڪوئي جواب اچڻ تايئن،
چا! آءٌ جيئرو هوندس؟
نہ!
تيسين شايد آءٌ نہ هوندس!
پر تون -
پنهنجي ڪومل هٿ جي نازڪ آڱر ۾،
منهنجو ناهيل چلڙو،
جڏهين ڏسندينءَ، سوچيندينءَ -

پيار پريون ڪي يادون تنهنجي آڏو ايندو.
ڪيئي چاندوڪيون راتيون،
جنهن ۾ گڏجي ٿ تو، مون،
پيار ونديو هوندو.
اهڙي ڪائي ياد جڏهن،
تنهنجي آڏو،
ڪاري ويس ۾ ڪيڏارو،
ڳائيندي ايندي،
ياد انهيءَ ۾ آءٌ امر ٿي جيئندس!
جيسين منهنجي ناهيل چلڙي تي،
چٽ سلامت هوندا،
تون پئي ڏسندينءَ،
تن ۾ منهنجو روح سمايل هوندو - سائڻ!
جيسين ”چلڙو،“ ”پيار نشاني“، چيچ ۾ تنهنجي،
تيسين مونکي، عڪس ۾ اُن جي، پسندي رهندينءَ!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪومل ڪنول جيان مڪڙو!

ڪوئي ڪومل ڪنول جيان مڪڙو،
نازڪ موتئي جي گل جهڙو،
ڇڻ ڪو آهي ساز انوکو!
جنهن جي پويان،
تهہ در تهہ،
جذبن جي ڇڪتاڻ متل آ-
اُڌمن جو مانداڻ متل آ-
آسن جي لُڙڪن جي بہ متس،
اڻ - ڪٿ ڪا آلاڻ لڳل آ،
انهيءَ نازڪ مکڙي جي،
ان ساز انوکي مان پيارا!
ٺهڪن جا آواز نڙن ٿا.
وستيءَ وستيءَ گل ڪڙن ٿا،
ساري وايو - منڊل ۾،
سڳنڌيل ڪائي سار سمائي،
پوکن، پکن، پيهن تي،
پرهہ سنديءَ ڪنهن پرهہ جيان،
پک پکيڙي پکڙن ٿا.
اکيون مهٽي، آرس ڀڃندي،
ماٺهو پاڻ بہ راڳ چون ٿا،
ڏاڍا ڏاڍا خوش لڳن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هو راڳي ۽ ويراڳي،
ٿڪن جي هر سُر کي ٻُڌندي،
تن ۾ ويڙهيل سيڙهيل سُڏڪا،
صاف سڻي ٿو،
۽ پوءِ پنهنجو چنگ ڪٽي ٿو،
وستيءَ وستيءَ هيئن چئي ٿو:
لوڪو! هي جي ٿڪ ٻُڌو پيا،
تنهن ۾ آهي دانهن سمايل، سا به ٻُڌو،
دانهُن پويان لڙڪ سلهاڙيل سي به ڏسو-
ڪڏهين ڪڏهين دل جا اُڌما،
مُرڪ جو ڪوڙو روپ وٺي،
ظاهر ٿين ٿا.
اج سمجهي ڇڏيو- او لوڪو!
لُڙڪ به ڪڏهين ٽهڪ ٿين ٿا!
ڇهڪ به ڪڏهين مهڪ ڏين ٿا!!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روز صبح جو گل ڪِڙن ٿا

روز صبح جو گل ڪِڙن ٿا.
توکي، مون کي،
هِن کي، هُن کي،
بنا فرق جي، خوشبو ڏين ٿا،
سُرَهو ڪن ٿا.
پرت ـ ننگر جي پوڄارين جي گونگي پيڙا،
پاڻ ۾ سانديي،
سونهن ـ ننگر ۾ نيندا آهن.
ڏيندا آهن ـ
وٺندا آهن ـ
پر جت پيار سڪيءَ لڪڙيءَ جيان،
روز چڪيا تي رک ٿئي،
ڪوبہ گلن ڏي ڪين ڏسي ٿو،
هرڪو ماڻهو، گهڙيءَ گهڙيءَ ۾،
مري جئي ٿو.
جئي مري ٿو.
نيهَن ـ ننگر جت پاپ ـ ننگر ٿئي،
ڪوبہ گلن ڏي ڌيان نہ ڏئي،
خوشبوءِ جت ڪا شيءِ نہ آهي،
ماڪ مهل پوءِ گلڙا اتهين،

موتين جهڙا ڳوڙها آڻي،
تنهنجي منهنجي راهه تڪين ٿا.
چپ ئي چپ پيغام ڏين ٿا.
جڏهين ڪوبہ نہ سڏ ڏئي ٿو،
ڏک ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي تڏهين،
ريٽا ريٽا رنگ وڃائي،
پاٽهين پنهنجو پاڻ ڪومائي،
ڇڻي پون ٿا.
اهڙي پاپ ـ ننگر ۾ گلڙا،
زنده ماڻهن جي لئہ ناهن،
پر سي آهن،
قبرن تي ئي ذرڻ جي خاطر!

* * *

# ذاتِ ذِئي جي وٿ آهي

ذاتِ ذِئي جي وٿ آهي.
رات سندي،
اونداهي اننت ساگر سان،
لڙندي لڙندي رهندي آهي.
توکي، مون کي -
هِن کي، هُن کي -
دڳ لڳائڻ خاطر،
ڀڄ ڀڄ ڀڄائڻ خاطر،
سڙندي ٻرندي رهندي آهي!
ذاتِ، ذِئي جي وٿ آهي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اي سوچ سڙِي!

اي سوچ سڙِي - اي سوچ سڙِي!
ڪانہ ڪپي، ها ڪانہ ڪپي،
تنهنجي سرجڻهار گهڙي -
هي زهر نہ پيتو ٽيندو مون کان!
مون پنهنجي يادن جا ڪاڳر،
چڙوائي تي ڍير ڪري،
ساڙي تن کي رک ڪيو آ،
تون پوءِ بہ منهنجو دڳ جهلي،
رستا روڪي، بيٺي آن.
سيئي تاڙيون تاڪ پيجي،
تون مون وٽ ايندي رهندي آن!
اي سوچ سڙِي!
اي سوچ سڙِي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو مُلهه چڪايُوَ!

مون کي ساڙي،
منهنجي رک مان،
ٻُڪ ڀري،
سهڻا سهڻا گهرڙا ٺاهي ـ
تن ۾، امن ۽ آسائش سان،
بنا ڪهين ڀي اُلڪي جي،
ماڻهن کي جي هوند رهايُوَ۔
منهنجو مُلهه چڪايُوَ!
هي رت جا ڳوڙها وينو ڳاڙيان مان،
راتيون جاڳي، سوچ ـ ڏياتيون ٻاريان ٿو۔
تن جي عيوض،
معصومن کي مُرڪ ملي جي،
مظلومن جو داد ٿئي جي،
وِڌ وائن جا سڌ ورايُوَ۔
منهنجو مُلهه چڪايُوَ!
منهنجي سِرَ تي ڇٽنگ رکي،
ڦوڪي ڦوڪي ڇٽنگ منجهان کي ڀنيٽ ٻاري،
ان جي روشن اُجيالي سان،
هر واٽ وندر جي ڀٽڪيل ڀٽڪيل راهيءَ کي،
جي ڪنهن دڳ لڳايُوَ۔
منهنجو مُلهه چڪايُوَ!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتي بادل

ٽر تي بادل، ٽاڏل ٽئي ڪا،
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ بادل وَسُ ـ الا!

مينهن ڪٽين لئِ ڏرتي آتي، سڀ ڪو ساھُ سڙڻ تي آھ ـ
ڌاڙي وانگي تانگھ سين جي، ڪنهن ڪي ٻي ڪا واھر ناھ ـ
تنهنجي آمد جي لئِ آتا، گهڻي گهڻي ۽ گسَ ـ الا،
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ بادل وِسُ ـ الا!

وڻ ٽڻ واڪا، ٽر بر واڪا، وستيون واڪا بڻجي ويون،
چوڏاري مانڌاڻ مچي ويو، دانهون، ڪوڪون ۽ ڪيهون،
سُڏڪن، تڙفن، ڦتڪن ڦتڪن، تل، ترايون، ٿسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ بادل وَسُ ـ الا!

پکي پرندا، ماڻهو چيڻهو، مال متاھ بہ موڳو ٿي پيو،
موت مثل ٿو سيڪو پانئين، ايندڙ هرهڪ لمحو لمحو،
ويرانين ۾ وڙڪي ڪن سڀ، وڏا جيئڻ جا وَسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ ـ الا!
وَسُ وَسُ بادل وَسُ ـ الا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن نہ وسيو، مينهن بڻي اچ، ڪڪرن رت تي ٿي هسواڙ۔
هرڻيءَ وانگر، رڃ ۾ ڦٿڪي، تڙڦي تو لئہ منهنجو پيارُ۔
سال ٿيا جو تو ريءَ سائين! ناهه جيئڻ ۾ چَسُ ۔ الا!
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ ۔ الا!

وَسُ وَسُ بادل وَسُ ۔ الا!

* * *

## من مندر جون پتيون پورا

من مندر جون پتيون پورا،
پلڪ اکين جا ڳوڙا ڳوڙا،
سارا لڳ چڪن،
سوڻون سور ڏين،
سارو جيون، ساوڻ ۾ جڻ، ڪاري واري ڏينهن تتو،
پيڙا جو پر پئي نہ پتو!
منهنجو من منديريءَ وانگي،
جبل جلي پيو ڪنهن جي سانگي،
لُڪن لوساتيو،
ٻُڻن ٻوساتيو،
پوءِ بہ تولئِہ، سيج بڻايم، پيلا گل جهلي،
ڊوليا اڄ يي سڄ ڊلي!
ساريون راتيون، ڪاريون ڪاريون،
ٽانڊاڻي جيئن پاڻ کي باريون،
ڏيئڙا اجهاڻا،
پوءِ بہ نہ جاڳا،
نيڻ نماڻا اوسئيڙو چو ڪين ڇڏن ٿا لاهي،
ڪير بہ ڪنهن جو ناهي!

* * *

# رات جي سانت ۾

رات جي سانت ۾،
چير چمڪو ڪيو،
پير وڌندو رهيو.
دل ۾ ڌهڪو پيو،
جيءُ جهُرندو ويو،
ڪير آ پنڌ پيو!
گهگهه گهيري اندر،
ڏُک ڏيري اندر،
جنهن جي پيري اندر،
سونهن سوداءُ آ،
سچ جو ساءُ آ.
چير چمڪو ڪيو،
پير وڌندو رهيو.
چنڊ ڏسندو رهيو،
خوب پئندو رهيو،
ناچ نچندو رهيو!
هُوءَ آئي هلي،
مون انهيءَ ڏي ڏسي،
گهُور منهن ۾ ڪئي،
هُوءَ ساڳي هئي،
تهڪ ٽڙندا رهيا،
ڇهڪ وجهندا رهيا،

مون سجاڳي ورتي،
پيار جي مورتي.
ڏينهن ڏاڍا وڃهي،
مس موتي هڻي،
پڪ سڄاڻي وتم.
ڏات آ، ڏات آ!
ڏِس اڃا ڏيهه ۾،
رات آ، رات آ!
مون قلم آ ڪنيون،
جو ٻـ آيو لکيو،
ڪِلڪَ ڪاڳر مٿان،
سُونهن ۽ سچ سندا،
چٽ چٽيندي وٺي،
سٽ سٽيندي وئي،
بيت مان، باک جي،
لاک پکڙي وئي.
رات ويندي رهي،
ڏينهن ٿيندو رهيو.
ڏات ايندي رهي،
شعر جڙندو رهيو!

* * *

# تڙ تان تنهنجي لاءِ تڪي ٿي.....

تڙ تان تنهنجي لاءِ تڪي ٿي.....
طوفانن جو گهيرو آهي،
فطرت ڪاڏو ڦيرو آهي.
لاٿونءِ وانگر ناؤ ڦري،
ڪرڙاٽ بجهن پيا پري پري،
ونجهه سين وهه سان موڪل پاڻ،
نه ته هيءَ ٻيڙي الٽي جان.
ناڪئا سارو پور ٿي ٻڌندو،
نديڙو ٻچڙو ٻڌندو تنهنجو.
دانهون ٿينديون، ريهون ٿينديون،
هر ڪنهن ٻڌندڙ ڪيهون ٿينديون.
ميچ وري ڪي مڙندا يار،
ٿيندا پنهنجا ٻاگهي يار.
اج تون منجهيو آهين جو!
طوفان اڳي تو ناهه ڏٺو!
سامهون تو سي بيٺي آ.
هوءِ جا تو لئه آئي آ.
جنهن لئه تنهنجي دل سڪي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گلڙا گلڙا ٻول گلابي

گلڙا گلڙا ٻول گلابي،
سهڻا سهڻا نيڻ شرابي.
ٿهڪا ٽيڙن جيئن ٽڙن ٿا،
ڪي ڪي ماڻهو ايئن جيئن ٿي!
”چي چي“، ”چي چي“ ڪلڻ ڏماڪا،
اکيون ڦرڙيون، پنبڻيون ٽاڪا،
بلڪل وحشين جيئن ڪي ماڻهو،
سُندرتا ڪي ڪين سهن ٿا.
منڙن منڙن ماڻهن جو
چڙن وانگي رتُ پيئن ٿا.
ڪي ڪي ماڻهو عنبر اوتن،
ٻيڙا ماڻهو بدبوءِ آهن.
خوشبوءِ، بدبوءِ وير ورايون،
روز ازل کان وڙهنديون آيون.
ويڙهه انهيءَ ۾، ”تون“ ۽ ”مان“،
شامل آهيون هڪ ڏُر سان.
هاڻ ٻُڌائج تون ئي سائين!
ڪنهن جو پاسو تيڻ تو چاهين،
سچ ۽ ڪوڙ جي جهيڙي اندر،
ڪنهن جو ساٿ ڏيڻ تو چاهين!

تون بہ نہ هوندين، مان بہ نہ هوندس،
پنتي واس وجي بس رهندو،
ڪهڙو واس ڏيڻ تو چاهين؟،
جڳ ۾ ڪيئن جيئڻ تو چاهين؟!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

سوچون وڪريل ٿوهر ٻر ۾،
گھٽيل دانهون، پٿر پٿر ۾.

اُڀ ۾ ٻادل، مور رڙي جھڙ،
ڍيل ٻڪي ٿي ڏهر ڏهر ۾

ڏک جي ڌرتيءَ تي هي شاعر،
ڪنوٽين جا چمڪاٽ ڪکر ۾

ڪنهن جا گھٽيل سڏڪا هي جي،
سينڍين جا آواز سحر ۾.

لولي ڏيئي، لوڏيندي آ،
چنڊ جي ڏولي، لهر، ٻحر ۾.

جوت جلايو، مورت چمڪي،
سانجھيءَ ٿاٽي، من مندر ۾.

پڃرو ٽٽندو، پوءِ ٻه نه اُڏندو،
ڪانهي طاقت، جنهن جي پر ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪي ماٺهو امرت اوت،
ڪي ڪي مليل جڻ تہ زهر ۾.

ڪيڏو مورک، سوچي محبت،
جنهن لئِہ نفرت، پنهنجي گهر ۾.

هٿ ۾ گلڙا، لڙڪ اکين ۾،
گيت چپن تي، آڳ اندر ۾.

مينهن سندي مڏ، پئندو پئندو،
ٿڙندو ساوڻ آيو ٿر ۾.

ڪالهہ شڪاريءَ جُوءِ لتاڙي،
تتر نہ ٻولي، اڄ ڪو تر ۾.

تون چو ڳوليں، پيو تو چر ۾،
موتي ملندئي، اونهي جر ۾.

تو ۾ سستي، ناهہ، نڳي سپ،
وِڏ نہ ڪائي آهي ور ۾.

سونهن نہ ڇاٽي وَڏ نندائي،
ڪنول ڪڙي تو، گدلي سر ۾.

* * *

# غزل

اڄ ڇو منهنجي من ۾ سائين!
لِڪي لِڪي ۽ ليئا پائين.

تنَ ـ تنبوري جون تارون ڇيڙي،
ڇا لئِہ راڳ وهاڳ وڄائين.

سڪ جي سار نہ يار! اٿيئي،
سور ٻين جا وينو ڪائين.

ننڍ ڪي ننهن نڙيءَ تي ڏيئي،
ڪنهن کي ساري رات ريجهائين.

سچ سنيهو، پرهہ پڄايو،
منهنجا من، ڇو مونجهو آهين.

ڏات سندو ڪو ڏيهہ نہ آهي،
وياڪل تي ڇو وات واجهائين.

چنڊ شرابي، ڪڏهين ڪڏهين،
نپ ۾ ڇا لئِہ نچندو آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وٽ جلندڙ دلڙي ناهي،
تنهن کي ڪهڙا ٻول ٻُڌائين.

موتي اهڙا ڪو ٻه نه ڳنهَندو،
ڇا لئِه نيڻن نير وهائين؟

جڳ ۾ جئان ٿو، تنهنجي خاطر،
مون کي پائين، يار! نه پائين.

در کي ٻيڪڙ، ڪو ٻه نه ايندو،
نيڻن جي ڇو ننڊ ڦٽائين؟

خيال اسان جا، پينو نينگر!
در در تي ڇو ٺاپا کائين.

گل ۾ خوشبو، جهڙ ۾ بوندون،
ڪير چوي ٿو سڀ ۾ ناهين.

* * *

# غزل

واهوندن جو وقت وري ٿو،
جاني پنهنجي جُوءِ اچي ٿو.

واريءَ دِٻُ جو اوسيئڙو اچ،
مينهن ڪٽين لئِ واجهه وجهي ٿو.

ڪراڙ مٿان ڪو ڪنول ڪڙي ٿو،
شاهه سندو جڻ لڙڪُ لڳي ٿو.

سانت اندر يي ساهُ اسان جو،
چاندوڪيءَ جو چنگ ٻُڌي ٿو.

ٻئي جي ڳل تان ڳوڙها اُگهندڙ،
پنهنجا ڳوڙها، پاڻ پئي ٿو.

مکڙي چٽبي، چيبي ڏسندي،
ٿاندن تي، من ناچ نچي ٿو.

آڌيءَ ويلي، پئونڪ ڪتن جي،
ڳوٺ سڄي ۾ سئونچو پئي ٿو.

گهگهه ۾ ڪڙ ڪٻيتو چمڪي،
جڻ ڪو شاعر، شعر چئي ٿو.

هلڪو من جو بار ٿئي ٿو،
اک مان جذبين لُڙڪُ ڳڙي ٿو.

* * *

# غزل

صحرا کي اڄ شرمائي ٿي،
منهنجي من جي وياڪلتا.

پيٽ پنيءَ سان، ماني ناهِ،
ٻيو ڪجهه ناهي سور ئي ڪا.

ماڻهن چنڊ تي پير گهمايا،
پاڻ اتي ئي سهڪون پيا.

پيٽ پِٽئي لئِ ڇا نه ٿئي ٿو،
تنهن جي ڪنهن کي ڪل به آ ڪا!؟

نيڻن جي نيپ بوند وسائي،
يادن جا گل هاڻ ٽڙيا.

مون وٽ ڳاڙ موسم هئي،
باهه اندر ۾ ساهه ٽڏا ها.

پڃري ۾ ا چوڳو چڱڙو،
پوءِ ٻي پڃرو، پڃرو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا تي جڻ رت رئي ڪو،
ڀوئين سج جا ڀاڇولا.

چُپ ئي چُپ ۾ سور سلڻ تا،
ڪنهن جا ڏٻرا ڏٻرا چهرا.

* * *

# غزل

اسان پرهہ تان پاند لاتو پرينءَ!
اسان رات جو راز ڇاتو پرين!

توهان پيار مان ڇا! انهيءَ ڏي ڏنو،
لڳي چند تو، مڌ ماتو پرين!

جهلئي ڪين جهلجي، پلئي ڪين پلجي،
ننر نينهن جو آهه ناتو پرين!

نہ ڪا اک ئي ڦڙڪي، نہ هڏڪي ٿئي،
وساري ڇڏيو آهه ڇا تو پرين!

هنيلو هنيون هوڏ تي آهہ چڙهيو،
بنهہ ڪين سرچي سوا تو پرين!

اجايل، اجايل، سڪايل هي من،
تيو آهہ، تولاءِ، آتو پرين!

جلي رات ،ماري، سهارن سوا،
اسان پرهہ ڪي آهہ پاتو پرين!

سنڌءِ ساز، آواز لئِه منتظر،
اهو گيت تو چو نہ ڳاتو پرين!

وري مُند تي مينهن موٽي پيا،
اچڻ ۾ ڪئي دير آ تو پرين!

ڏکيو ڏيل سارو ڏهيون ٿي ويو،
وڇوڙو وٺيو چو يلا تو پرين!

* * *

# غزل

پتڻ مٿان، ڪلهه سانجهيءَ جو،
ٻاري چڏيو هوم ڏيو.

اوسيئڙي ۾ رات سڄي،
مون سين سارو جر جاڳيو.

منهنجي من جي اُدمي وانگي،
چوليءَ هر هر چال ڏنو.

موت وهيءَ جو جڙ تہ پرين!
گيت اڌورو رهجي ويو.

پار اچان پيو تنهنجي پويان،
ٻيڙيءَ واري ڪونہ ڪنيو.

وقت ڪٿيئي ڪيئن تنهائيءَ ۾،
چندَ اسان سان راز سليو.

شيشو ڪريو، وِسڪي هاري،
روح اُجايل رهجي ويو.

چنڊ نشي ۾ چُور سمهيو،
رات ڪَٽيان ڪيئن؟ ڏسُ تہ ڏيو.

تون چو جهورين پنهنجو پاڻ،
ساٿ نباهي هو نہ سگهيو.

مون لئہِ تڙڦيو هوندو ڪيئن!
اڄ تہ اچا هو آهہ رُنو.

جهُڪي نهاريم پاڻيءَ ۾،
مون ئي مون ڏي پاتو لِيو.

* * *

## غزل

سونهن نہ آهي، ساز سهاري،
رات تہ ڪٿيئون ڪيئن بہ ڪري.

ڳالهيون پرچڻ جون پئي هليون،
ويتر پياسون، پاڻ پري.

مدت ڪان پيوءِ، هو جو مليو،
روئي وينس، ريهہ ڪري.

بانگ مهل ٿي پيهين جند،
وينگس ويني ڏک ڏري.

رات ڪٿي وئي، ڪين ڪٿي پنڌ،
ڪيڏو تنهنجو شهر پري.

تنهنجي شاديءَ ڪوٺ ملي،
پهتس ڳوڙهن جهول پري.

چانڊوڪيءَ سان وِسڪي رلمل،
آءُ پيئون، تاڻو نہ ٽري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪرن ۾ چنڊ، ڪنهن جي ڪارڻ،
سهٽيءَ وانگر ٻُڏي تري.

هير گهلي ٿي، مان ٿو سمجهان،
چڻ تہ ٿڌا ڪو ساهه ڀري.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ساجن! هاڻي آءُ سگهوئي،
اکڙيون ٿڪيون روئي روئي.

هيئن انهن تان ڦرڻ نہ گهرجي،
واعدا جي بہ ڪيا ها توئي.

آءُ تہ گڏجي ميٺڙيئون ڪرُ،
ڪالھ آ ماڻهن ڪانهين ڍوئي.

مون تہ توهان جي لاءِ پريتم!
ڳوڙهن جي آ ڳاني پوئي.

ساوڻ گذريو، ساجن نہ آيو،
لال رڱين مون ناحق لوئي.

ور ريءَ آهي زهر برابر،
آيل! مون لئہ ڏئونرن ڏوئي.

بي وس اکڙيون! مور نہ سگهندا،
ڳوڙها داغ دلين جا ڌوئي.

راھ نھاري ٿڪيون اکڙيون،
شايد اچڻو ناھي ڪوئي.

ھاڻي چاھت، چاڙھ چڪيا تي،
ساجن رھيو ناھي سوئي.

منڊ نہ آھي، مڊ تہ آھي،
ٻيو ڪجھ ناھي، آھڻ اھو ئي.

اڄ کو اھڙو پيارو يارو!
جانب ياد نہ ڏياري جوئي.

* * *

# غزل

لڙڪ ننڍاڪن نيڻن تي،
مکڙين تي جڻ ماڪ ڦڙا.

چندن هاڻا وار کُليا ۽
وستي ساري واسي ويا.

ڪُلف ڪڙي ۾ اُبتو آهي،
شايد اڄ هو آيا ها.

الهڙ جواني، اُڀرا چورا،
لوڙهي لوڙهي پائن ليا.

سپ ڳُلڻ سان موتي چمڪيا،
کِلندي تنهنجا چپ کُليا.

مون سين رُنل، محفل ۾،
مون ريءِ ڏاڍا تنگ ٿيا.

هڪ هڪ ساڙي رڪ ڪيم،
تو جي مون ڏي خط لکيا.

جيئن جئين دل تي گهاؤ لڳا،
تئين مون ترقي گيت چيا.

پيار ۾ بئي ڏي ڪن نه ڏبو،
ماڻهو بڪندا رهندا پيا.

* * *

## غزل

منهنجو ڪشتو امرت آچي،
ٺڪر ٺاڪي آندم جا.

جئن جئن ڏک ڏنئي تئين مون،
گل گلابي گيت لکيا.

منهنجي الفي ليڙون ليڙون،
پتون پتون پير ٿيا.

جنهن جنهن در مون سَينَ هئين،
جاڏهون ڪاڏهون ڪتا ها.

تو ٻه هئين پئي پيندَ اسان کي،
ساڳئي پنڌ جا پانڌيئڙا.

پيرن ٿلٽا سانديي هل،
واٽ اٽانگهي پنڌ پتر جا.

وقت لٿي ويو تن جا پيرا،
هو جي مون وٽ ايندا ها.

گهاٽي چانوَ ڏين ها پر،
وقت ڪان اڳ ۾ وڍجي ويا.

* * *

# غزل

پيارا پيارا پل اَپل،
مون وٽ آيا راڳ رُنل.

گيت گلن جا پوئي هار،
تن تنبور جي تند ڇڙيل.

گهُورِ نہ ايڏو گهايل ڏي،
چوڏهينءَ جا او چنڊ ڪڙيل.

نيڻ نماڻا، نينهنَ ـ وَندا،
جڻ ڪي موتئي گل ٽڙيل.

دلڙي ڪامي ڪنوڻ جيان،
بوند وسي ٿي باک مهل.

منهنجو دوهو پاسن ٿا،
ڪِلندي تنهنجا چپ گُليل.

مُڪڙيون ڪولي گل ڪنڊِي،
هير ٿڌي ۽ باک ينل.

ڪيئي جڻ تہ ڪتاب ڪليل،
ابهم ابهم ٻار سُتل.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

پنهنجو من جڻ پيلو پن آ،
پنهنجي جندڙي سرءُ جي شام.

منهن ۾ شاعر سورج ـ مُڪي،
مَنَ مَندر ۾ ڪورون ڪام.

ماڪ پسايو هر هڪ وڻ،
ڏاڍو رات رُنو آ رام.

رڻ سان سُونهَن رانديون تنهنجون،
چن پيچڙ ۽ ٿوڙ لغام.

ساندي هلجو ساهَ جيان،
سچ توهان وٽ آهي سام.

ڪڏهن تہ وڻندا ساپيا روپ،
شاعر تنهنجا بيت، ڪلام.

جوالا بڻجي ڦاٽي پوندي،
سينن منجهہ جا آهہ اُيام.

جڏهن اُني گهنگهور گهٽا،
گس بہ وسندا، وسندا گام.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

منهنجي ڪوتا ڪوڪ ڪنل،
پيچندي آئي باڪ مهل.

مئخاني ۾ مڌ ۽ تون،
پوءِ تہ ڪائي جهل نہ پل.

ويسهہ گهاتي، تون بہ ڪندين،
مون ڪي اهڙي ڪهڙي ڪل.

گلڙا، گلڙا، تنهنجو من،
پوپٽ، پوپٽ، پنهنجا پل.

تنهنجي يادن جا تحفا؟
سيني ۾ سَوَ سورن سل.

ڏاڙهن تي جڻ مَاڪَ - ڦُڙا،
ڳوڙهن هاڻا تنهنجا ڳل.

ڪير مُئي هئي، ڪو ڪاري،
ڪنهن کي آئي ڪانہ ڪهل.

مَنهن اسان جا ماڪ پنل،
جڻ ٻڪي آهن نيڻ رُنل.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

جڏهن سوچ سرچي ڪڍي سنگ تي،
تڏهن ڏات مون کي هٽي ڏنگ تي.

متان هنجَ ڪينجهر مٿائي چڏين،
هتي تو پچاڻا، رکو ڪنگ تي.

انهيءَ اُڀ سندو نيٺ ياندو پڳو،
اهي روشنيءَ جا رڳو رنگ تي.

وسي مينهن، سيارو، پڌر پٽ تي،
اگهاڙا، گهاڙا ڪئي انگ تي.

اُتي ساز هاٿي وري چيڙ تون،
چڙهي جن متان ويا صفا زنگ تي.

ملان! مئڪدي ۾ وڃي تنهنجو ڇا!؟
اڙائي اچي چو پلا ٽنگ تي.

صفا سانت، اڌ رات، تڏڙي هوا،
چون ٿا، انهيءَ ۾ چڙا چنگ تي.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

لوڪ سمهين پيو، تون بہ سمهين پئين،
مونسين چنڊ ۽ چارا جاڳيا.

اوندھ گهُگهُ، گهرن ۾ ڏيئا،
ماٺهو ننڊ ۾ جارا جاڳيا.

گورن جو ڏس انت اچي ويو،
ڪالھ ـ ڪالهوٽيءَ ڪارا جاڳيا.

چنڊ چٽو هو چوڏهينءَ جو،
سهڪي پوءِ بہ ستارا جاڳيا.

مئخاني ۾ رات لڙيءَ جو،
نينهن وارن جا نعرا جاڳيا.

لوئيندي ڪيئن ڏاري لتڙ،
ڪيت، ٻنيون ۽ ٻارا جاڳيا.

پرھ پسڻ جي آس لڳائي،
ماٺهو ڪئين مون پارا جاڳيا.

جاني آيو، جيءَ جليءَ جو،
اڪ اڪ منجھ اشارا جاڳيا.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

مَٺ ٺُٺي پيا، مڏ چٽي تي، چوڏهينءَ چانڊوڪي،
وڻ ٽڻ مست شرابي جهومن، هير بہ آ سڳنڌي،

ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ قنديل ٻرن پيا، ساري وستي وڃ ٻٽي،
سار اوهان جي، پار پرئين ڪان، يار! اچي وڏندي.

ڊونهاٽيل گهر، گونگا ماڻهو، ماڪ وهوڙيءَ وستيءَ ۾،
چوڌاري ڪا چنگ، چَڙي جي، لار اچي لڳندي.

دور ستارن جي چڻ پڻ تي، مون بہ ڪنايو سوئنچو،
پاڻ ۾ تن ويچار ڪيو پئي، 'هيءَ دنيا ڪيئن رهندي!'

سڀ ستارا ميڙي چونڊي، رات بہ مون وٽ آئي هئي،
مست ستارن ڏانهن نهاري، نهر وڃي نچندي.

چانڊوڪيءَ ۾ مڏ ملائي، پيالو پُرِ ڪيو،
تنگ ڪندي، تر جيڏي ساٿي! سوچ بہ جي رهندي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

اهڙي مڌ اج اوتي آڻ،
هوش وڃائي جيڪا هاڻ.

بوند اُني آ، يا تي آهي،
ڌرتيءَ منهن تي ماتا داڻ.

خيال، حقيقت، تاجي - پيٽو،
آءٌ ڪوي! ڪا ڪوتا واڻ.

اُڀ شفق ۾ مياڻيءَ وانگر،
ريڻي ريڻي رتو چاڻ.

سُر سُر ساهه ۾ سَٽ اُياري،
تنبوريا! هئين تند نه تاڻ.

ترڪي پوندين، تڪڙا چورا،
آڳر آڳر تي آلاڻ.

گيتَ پَکيئڙو، چوڳو چوندي،
شاعر جو من، خيالن ڪاڻ.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ڏوئي ويو سج ڏوٻيءَ جيان،
رات سڄيءَ جي آ ڪاراڻ.

لهر، بحر ۾ چمڪا ڪائي،
جڏهن ڪري ٿو، چنڊ چانڊاڻ.

ڪويءَ سندي آ ڪوتا سان ٺي،
راتو ڏينهان روح رهاڻ.

رات لَڙيءَ ۾، سانت جو سرندو،
ڪوڪي ٿو پيو ڪنهن جي ڪاڻ.

چولي چيهون چيهون ٿيندءِ،
ٻالڪ! ٻير سنياري چاڻ.

سانجهيءَ آئي، ڏوڙ اُڏائي،
ورندا وڳ وڳ وِيءَ وٿاڻ.

تنهنجو اندر اجلو اجلو،
جنهن جي منهن تي آ ميراڻ.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

سج ڏي هلو سوچ سهاري،
ماري وينو ڇپ آ ماري.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گوڙ گهٽيل آ،
چٽنگ اجها تي، ٻنهيٽ ٻاري.

جيسين دريا ٻوڏ ڪري ٿي،
هل تہ اچئون ڪا وير اُپاري.

چانڊوڪيءَ ڪي رات هو پيتو،
مون سين گڏجي هر هڪ تاري.

اهڙي آنڌي آئي آهي،
ڏيئو بہ نہ ٽمڪي جاري، جاري.

جيئڻ لکڻ جو سات ازل کان،
ڍول، قلم تہ نہ رکبو ڍاري.

گدلي تن جا، گيت گلابي،
منڙا پيرون، ڪبڙ ڪاري.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت

سونا سونا سنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جو چولو،
ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو،
ڪنهن جي عزت، شان ۽ شوڪت،
ڪنهن جا آهن ننگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

مرڻ، جيئڻ جو ڪنهن جو سوال،
هيڻا هڏڙا، هيڻو حال،
ڪنهن جو پيار ته ڪنهن جي سار،
ڪنهن جا آس اُمنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

ربع جي عيوض رت کي هارڻ،
آبُ اُجين کي اهڙو پيارڻ،
ساري ڌرتي، وستي وستي،
ريٽا ريٽا رنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

پوک پڪل جا سنگ نچن ٿا،
خاموشيءَ ۾ ساز وڄن ٿا،
جهولن جهولن، جهومن ڳائن،
جڻ ته هوا ۾ چنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڏهون ڪاڏهون جهاريون هڪلن،
ورهين جا تا وچڙيل گڏجن،
تون جي ناهين، تو ري ءَ سائين!
ڏينهن هٽن تا ڏنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

هر ڪا ڪاتي، ڦُٽي ڦاٽي،
موسم آ جڻ مڌ جي ماٽي،
شالون سايون، مند ڏِکايون،
جهومن تا جهر جهنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

هاڻ هوا ۾ ڳيچ ٻُرن تا،
چُپ سندا چَپَ چُرن پُرن تا،
سيجُون سايون، خوب وڇايون،
ڏول اچڻ جا ڏنگ ـ ٻنين ۾ ـ سونا سونا سنگ!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

منڌ انهيءَ ۾ مونجها تي ويا،
من جا ميگهہ ملهار،
الو ميان،
ساهہ اوهان جي سار!

من مندر ۾ سانجهي ڇائي،
ياد توهان جي جيئن جيئن آئي،
يا تہ ڪٽي ڪنهن نيريءَ ڍنڍ تي ماريءَ ڌوم مچائي،
جنهن ڪان پوءِ تي من کي گهائي،
ڪائي ڪونج اُڌار!
الو ميان،
ساهہ اوهان جي سار!

دل تہ چوي ٿي جهومان ڳايان،
تو ريءَ پنهنجو پاڻ ۾ ناهيان،
منهن تي مينديءَ ڏار نوائي، تنهنجي آس لڳايان،
برکا رت ۾ هيءَ جهڙ ڦڙ،
پرينءَ پسڻ جا پار
الو ميان،
ساهہ اوهان جي سار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ ٽڻ وه  تي سهنجي جهومن،
اُڀرن آ  ِن، اڏمان اٿلن،
اهڙيءَ مينگهه ملهار ۾ منڙا! تنهنجي ملڻ لئِهِ پيون ٽيو سوچن،
جڏهن اُني جا گيت ٽا ڳائن،
ٻيلهو ناهي ٻار!
الو ميان،
ساهه اوهان جي سار!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

تنهنجو جيون سڙڻ نہ گهرجي، روڳي ٻٽجي رڙڻ نہ گهرجي!

خيال سنڌءِ جڻ چٽ گهَڙي تي، تنهنجون سوچون ڳُل پَڙي تي،
ڪونج ڳچيءَ ۾ هَسَ هَلورا، پئونر گلن تي الهڙ ڇورا،
اڪ ڪنهين سان اڙڻ نہ گهرجي!
تنهنجو جيون سڙڻ نہ گهرجي، روڳي ٻٽجي رڙڻ نہ گهرجي!

لُڙڪُ اکين ۾ ائين تئي بٽيون، ٻُوليءَ ۾ جڻ جڙيل مٽيون،
يا تہ منديءَ تي اچو ٻُڙو آ، موتئي تي جڻ ماڪ ڦڙو آ،
ڳوڙهو ڳل تي ڳڙڻ نہ گهرجي!
تنهنجو جيون سڙڻ نہ گهرجي، روڳي ٻٽجي رڙڻ نہ گهرجي!

پرھ ڦٽڻ تي ”رات جي راڻي“، سندر لڳندي آهي ساڻي،
اوجاڳن جي آس پڄي شل، تنهنجي من جي پياس ٻجهي شل،
ڪَتِي وري اڄ لڙڻ نہ گهرجي!
تنهنجو جيون سڙڻ نہ گهرجي، روڳي ٻٽجي رڙڻ نہ گهرجي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت

سيئي گوندر گس،
منهنجا ڏينديئي ڏس!

منهنجي من جي تئونس هوا ۾، ڪڪريون ٻڻجي اينديئي،
ڦڙ ڦڙ، ڦڙ ڦڙ ڦيريون پائي، ياد اسان جي ڏينديئي،
وَڏ ـ ڦُڙي سان وس،
منهنجا ڏينديئي ڏس!

پره ڦٽڻ سان، پکي اسان جا حال وندينديئي ڳائي،
اُپ اسان جا نياپا ڏينديئي لاڪ جي لالي لائي،
ماڪ ڦڙن جا هس ـ
منهنجا ڏينديئي ڏس!

ڪنهن جي من جي، ڦٽن سندا جي اُدڙيل ٽانڪا ڏِسندءِ،
ڪنهن جي دل جا، جلندي جلندي وِچَ ـ وَراڪا ڏِسندءِ،
چڪي مرڻ جي چس،
منهنجا ڏينديئي ڏس!

وياڪل من جي، ويٺا ڪڏهين، راڳ وهاڳ وڄائي،
ڪائي ڪونج، ولر ڪان وڇڙي، ڪڏهن ڪتي ڪُرلائي،
اهڙي لنؤ ـ لهس،
منهنجا ڏينديئي ڏس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ بڪئي سان، پئسن خاطر، نارِ ڏسين ڪا نچندي،
گورا سانڍي، خوب ٽپا ڏئي، پيار جي عيوض پَچندي،
نچڻيءَ جي نس نس،
منهنجا ڏيندئي ڏس!

* * *

# گيت

بوندن سان برسات،
آئي،
بوندن سان برسات!

رم جهم، رم جهم بادل برسن، چم چم چنا چمڪن،
ڇهه ٻهه ڇهه ٻهه ٻيرا ڳٽڪن، ٿهه ٿهه ٿهه ٿهه تاريون ٺهڪن،
وَسُ وَسُ زائي وات،
آئي،
بوندن سان برسات!

رات لڙي تي، واءُ گهلي تو، چڙو چُري تو، چنگ ٻُري تو،
وِٽڙي وِٽڙي ڪڪر ملي ٿو، ڪيڏو سهڻو چنڊ لڳي ٿو،
جُهڙمان پائي جهاتِ،
آئي،
بوندن سان برسات!

جيئن جيئن سِڪ سوائي ٿيندي، تيئن تيئن ڏات ٻہ ڏنگ ئي ڏيندي،
ننڊ اکين کي مور نہ ايندو، گذري ويندي، گذري ويندي،
مون سان رُئندي رات،
آئي،
بوندن سان برسات!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُند ملڻ جي، ساڪ سوائي، سارنگ جي ڪنهن وائي ڳائي،
ڇڪ اسان جي ساهه ڪي آئي، مينهن وسي ۽ تيئن وڌائي،
تن ۾ تنهنجي تات!
آئي،
ٻوندن سان برسات!

* * *

## گيت

اُجري اُجري آهه اچائي،
چنڊ ڪئي آ ڏس چانڊاڻ!

سورن جي سنسار منجهان ئي،
جيئن تيئن ڦٽڪي ڦٽڪي سائين!
مس مس مون آ جنڊ ڇڏائي.
راهه تڪيان پئي تنهنجي ڪاڻ!

ذات جهين لئہ ننڊ ڦٽائي،
اڄ پڻ شايد اچڻو ناهي،
سهڻي سهڻي رات سُهائي،
چانڊوڪيءَ جي چادر تاڻ!

ڇا لئہ دور گذاريون هاڻي،
ڪهڙي ڪل آ، ڪهڙي ٿاڻي،
جنڊڙيءَ ڪان ٿئي يار جدائي،
اڳتي ڪا بہ نہ نينهن نياڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهَ ـ پَکيئڙو اُڏري ويو جي،
وقت لنگهي ويو جاني پوءِ جي،
توکي ياد اسان جي آئي،
ڳوڙهن مان پوءِ ڳالهيون چائڻ!

سين سنڌن ۾ سنگهرون جنهن کي،
جُڳن کنا او ساٿي! تنهن کي،
سڌي سڌي ۽ چئي سچائي،
منهنجي من جو امرت ماڻ!

* * *

## گيت

لڏندي لَمندي هلُ!
او ٻيڙي،
لُڏندي لَمندي هل!

ڪنولن سين ڪي ٻوليون ٻوليون،
چتيون چوليون، پنهنجون لوليون،
هيئن نہ پنهنجي من ڪي روليون،
تنهن ساڻ ملي وٺ جنهن ڪي ڳوليون،
شايد پويون تئي هي پل!
او ٻيڙي،
لُڏندي لَمندي هل!

ڪاري ڪڪري ڪاڏهون آئي،
جهڙ ڦڙ، جهڙ ڦڙ، بوندن لائي،
تاڙي ڏاڍي ڌوم مچائي،
سارنگ جي ڪنهن وائي ڳائي،
روح جهين سان ٿيو رلمل!
او ٻيڙي،
لُڏندي لَمندي هل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي منزل ڪنهن به نه ڄاتي،
ساري دنيا گونگي ٻاتي،
ڇا لئهِ آتي آهه حياتي،
لوهون پوهون، جوهون جهاتي،
ڪانه ترائي ڪوئي تل!
او ٻيڙي،
لُڏندي لمندي هل!

ڪنهن سان ڳرهين دل جون ڳالهيون،
سهڻيون، سندر، ٻوليون ٻاليون،
نيون، نڪوريون، نج نراليون،
موٽ ۾ ملندئي اکڙيون آليون،
دل جو ڪنهن سان سورنه سل!
او ٻيڙي،
لُڏندي لمندي هل!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت

چنڊُ چَھري منجھان،
چوڻ اُپريو اچا،
آ پرين مان ڏسان.

موت ماري متان، ورق واري متان.

پرت پوري نہ ٿئي،
سِڪ اڌوري رهي،
ڏيل ڏنگ ئي سهي.

موت ماري متان، ورق واري متان.

ڪو بہ پنهنجو نہ آ،
سڄڻ سهنجو نہ آ،
وقت ڪنهن جو نہ آ.

موت ماري متان، ورق واري متان.

جان ڪوري ٻري،
هاڻ هنيون ٿو ڏري،
آءُ وارو ڪري!

موت ماري متان، ورق واري متان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس اوسـاتجـي،
ساهُ ٻُوساتجي،
وقت ڪيئن ڪاتجي!

موت ماري متان، ورق واري متان.

جسم تنهنجو بہ سچ،
جسم منهنجو بہ سچ،
سچ هاڻي تہ اچ!

موت ماري متان، ورق واري متان.

* * *

# گيت

اوسيندي وڄائيندڙ ٻڪرارَ!

تنهنجا جذبا پَرَ ڦڙڪائي، سيندي سُرن ۾ اُڏرن پيا،
پرڙا کولي، ٻولي ٻوليون ٻولي، ڏور ڪنهين ڪي ڳولن پيا،
تن ڪي سيئي سمجهي سگهندا، جن ڪان وڇڙيا هوندا يار،

اوسيندي وڄائيندڙ ٻڪرارَ!

تنهنجي سينڌَ ـ سَنگيت فضا ڪي، مست ڪري جهومايو آ،
پرهه پَريءَ جڻ ساز انهيءَ تي،'آسا' جو سُر ڳايو آ،
هو ڏسُ! هو ڏسُ! رات ٻه هاٽي، ويڙهي ويئي پنهنجا وار.

اوسيندي وڄائيندڙ ٻڪرارَ!

سيندي سُرن ۾ سڏڪا رلمل، اُدما، اُدما، اوسيئڙا،
لَهَرُنِ مان جڻ ليئا پائن، اوجاڳيل، اڻ پورا سپنا،
سوز انهيءَ ۾ آهه سمايل، ساجن ڪنهن جي سُرهي سار.

او سيندي وڄائيندڙ ٻڪرارَ!

سيندي وڄي ٿي، فضا نچي ٿي، چڙيون وڄن ٽيون ٻڪرين جون،
ڪوئل ڪوڪي ساز وڄائي، پؤنر گڻن تي "پون، پون، پون"،
ساري دنيا ساز بڻي ۽ ڇڙي پئي آ ان جي تار.

اوسيندي وڄائيندڙ ٻڪرارَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيـنـڌ سنڌا آواز سـنـڌءِ جـڻ سـڏ، پـڙاڏا بـڻـجـي ويـا،
پري پري پـولارن مان سي، پـٽـڪـي پـٽـڪـي مـوٽـن پـيـا،
هاءِ وساريـل، ماريـل ماريـل، جـڻ ڪـي آهـن چـورا ٻـار.

اوسيـنڌ وڃائيـنـدڙ ٻـڪـرارَ!

ڪـوجـهـا انـگـڙا، جـيـون رنـگـڙا، راڳـي او ويـراڳـي يـارَ!
تنهنجي ڳـٽـڪـر، ٻـڪـرن واهـر، تـنـهـنـجـو مـنـڙو مـاڪـيءَ لارَ،
تنهنجو ٻولڻ، جڻ تہ وڃي ٿي، چڙيءَ انـدر ڪـا لـنـونـدڙ لار،

اوسيـنڌ وڃائيـنـدڙ ٻـڪـرارَ!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

ڪير چوي تہ پرائو، ووءِ.
دل ۾ هُرندو هُرندو آئين، ساهہ ۾ ٻڌجي سار!

هيڪر منهنجي اڱڻ مٿان تون پيارا! پير گهماءِ،
ٻي ڪا ڳالهہ نہ ياد اچيئي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهاءِ،
نهڪر توڙي هائو، ووءِ!
مون لئہ ساڳي معنيٰ تن جي مڙئي پيار پچار!
دل ۾ هُرندو هُرندو آئين، ساهہ ۾ ٻڌجي سار!

مينهن منڊائتو ڇڻ تہ منڊيءَ تي آهي ٽڪ جَڙيل،
مست هوا ڏسُ تيڙ تي ڪائي جنهن ۾ مڌ مَڙهيل،
روشن روشن رائو، ووءِ!
سارا سوڻ سڪي اڄ پانيان پرينءَ پسڻ جا پار!
دل ۾ هُرندو هُرندو آئين، ساهہ ۾ ٻڌجي سار!

ساجن اڳيان سرتيون منهنجو سارو هٿ آ هيچ،
جنهن جو مُرڪڻ مڌ تو پياري، ڳالهائڻ جڻ ڳيچ،
اهڙو ماءُ نہ ڄائو، ووءِ!
جنهن جي سنگ سوا او جيڏيون! ٻاهيون باغ بهار!
دل ۾ هُرندو هُرندو آئين، ساهہ ۾ ٻڌجي سار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون لئہِ چورا ڪورا من ۾ ازخود جاني هوندئي،
منهنجي سجاٽپ لئہِ او سهڻا پڪي نيشاني هوندئي،

سارو چهرو سائو، ووءِ!

لُڙڪ ڳلن تي، مُرڪ چپن تي، هٿ ۾ گلڙن هار!
دل ۾ هُرندو آئين، ساهه ۾ ٻڌجي سار!

* * *

## گيت

مان بہ توهان جيئن جهومان ڳايان،
خوب لُڏان هوند لِيلي ـ لاوان ـ
سوريتي سنگيت ڪٽي مان، ڇا لئِہ هيئن وڄايان هان،
پريتم ڪي جي پايان هان!

ڪوئل ڇالئِہ ائين ڪوڪي هان،
ڇو ڪارونجهر ۾ مور رڙي هان!
راتيون جاڳي، ڏينهن ڪري مان، نيڻن نير نہ نايان هان،
پريتم ڪي جي پايان هان!

آءٌ وياڪل هيئن ويڳاڻي،
پريتم ڇڏي وِيُمِ جاڻي واڻي،
پرَ جي هوندي، پوءِ ڇو سرتيون، پاڻ اڪيلو پانيان هان،
پريتم ڪي جي پايان هان!

منهنجي من جي چورئين ويٺا،
سور تہ نہ ڏئي هان بيٺا ٽيٺا،
پيڙا پريل، پوءِ سکي ڇو؟ گهايل گيت بنايان هان،
پريتم ڪي جي پايان هان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھر کي ٻاري ڏياري ڪيان هان،
پرينءَ پَسڻ لئِہ، مري جيان هان ـ
مست ٻٽي ۽ چير ٻڌي، مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان هان،
پريتم کي جي پايان هان!

مان ٻہ وڌيءَ کي وِڌُ نہ ڪيان هان،
جڳ جڳ جانيءَ ساڻ جيان هان ـ
مند کي مَنَ سان هوند لڳائي، چاندوڪيءَ کي چايان هان:
پريتم کي جي پايان هان!

* * *

## گيت

بين وڄي ٿي بن ۾،
تانگھ وڌي ٿي تن ۾.

مون لئِ مينگھ، ملهارون آهن، تنهنجون نينهن - نهارون يار!
سڪندڙ جي لئِ جڻ ڪي ساٿي، تنهنجون سهٽيون سارون يار!
موج ٿئي ٿي من ۾،
تانگھ وڌي ٿي تن ۾.

مينهن ڪٽين جي پايل ڇمڪي، سارنگ ڪيئي رنگ رچايا،
نچندي نچندي، ڪڏندي ڪڏندي، ڪنوڻ ڪڪر مان ڪجڪا لايا،
ڪلندي آئي ڪن ۾،
تانگھ وڌي ٿي تن ۾.

طوطا جهومي جهومي ڳائن، ٽاريءَ ٽاريءَ ناچ نچن،
هيڙها ”هُو هُو“، ڪوئل ”ڪُوڪُو“، ڳيرا ”ڳُٽ ڳُٽ“ ڪن،
پرت پچارون پن ۾،
تانگھ وڌي ٿي تن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هير اُٿي جي، هنج ۾ لوڏي، ياد ڏياري يارن جي،
چين ڦٽائي، خوب وڃائي، منڙي ننڊ مون پارن جي،
ڳالهه ڪري ڪا ڪَنَ ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾.

تو ريءَ مينهُن ميارون ڏئي ٿو، آجيان ڪيان ڪيئن آءٌ اڪيلي،
جوڀن مون سين جاڙ ڪري ٿو، ويتر ماري، جڏهين ٻيلي،
چاٽ پوي ٿي چن ۾،
تانگهه وڌي ٿي تن ۾.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت

سوچون سُرَ سارنگ الا!
جيون سارو رنگ الا!

ڪنهن جو مُرڪڻ مٺ پياري-- مست بنائي سور وساري،
جهومائي انگُ انگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

جندڙو جهومي اٿندو آهي-- جڏهين وڄندو رهندو آهي،
چاندوڪيءَ جو چنگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

خيال ڪنول بہ ڪڙي پئي ٿو -- گل گل ٽٽجي ٽڙي پئي ٿو،
ڏات سندو هر ڏنگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

سهڻو، ڪوجهو آهي ڇاهي-- ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو من آهي،
مصريءَ جو ڄڻ سنگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

پيار پرينءَ جي سار سوا-- سيئي رشتا، ناتا ڏوڪا،
نينهن نہ ڇاٽي ننگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

سِر جو دانُ سهائي آٽي -- سانت ننگر ۾ سنجها تاٽي،
ٻيهر هٽجي ٻنگ-- الا!
جيون سارو رنگ الا!

اڄ اڄ تون مان ويڇا ڊاهيون، گڏجي سڏجي آءُ بنايون،
صحيح جيئڻ جو ڍنگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

اهڙا ميڙا جڏهين ٿيندا، ڏسندي ڏسندي رهجي ويندا،
دنيا وارا دنگُ الا!
جيون سارو رنگ الا!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

ڪاري رات ۾ ڪوئل وانگي، ڪوڪي ڪوڪي ڳائي ـ
سانت اندر، سنگيت انهيءَ ۾،
تنهنجي ياد ستائي!
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

هاڻ ۾ مند متجڻ تي آ، جاڻ پيا هت لابارا،
ان ڪان پوءِ سُتت ئي ساجن! پوندا پوھ جا پارا،
منهنجا ساجن! تنهنجي ڪارڻ ـ
آسروندڙي وينني آهيان ـ
لوئيءَ لاڪ لڳائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

ساريون راتيون، سورن منجهه مان جاڳي ٻٽيس سودائي،
اونداهين ۾ ياد ۾ تنهنجي ڪاهيو ڪاهيو آئي،
رات اُماسي، دلڙي اُداسي ـ
ويتر من کي گهائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

تنهنجو پيار پريتم سهڻا! سانديان تي پئي ساهَ ـ سَڳي،
ڪتيون لڙن ٽيون جاڳي جاڳي، پر جي ڪائي اک لڳي،
سرجن سپنا، چرڪ پون ٿا،
هيڪل وياڪل، سچ پچين جي،
مونکي گهر ٿو ڪائي ـ
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

ڏکيو هر هڪ ڏينهن لنگهي ٿو، اهڙا ڪي ئي سال ٿيا،
ڪانگل ٻوليو ڪالهه پَڪي تي، مون ڪي تنهنجا پُور پيا،
اجا اچڻ جو، پَهُ نہ ڪيو تو،
اهڙي ڪرٽي، توکي هئي جي،
لنئون نہ وجي ها لائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

ماٺهو موٽيا، مال بہ موٽيا، واهيرن ڏي ورن پکي،
منهنجي ور کي، ويرم چو پئي، اج بہ نہ آيو هاءِ سکي،
گهر ۾ سڀ ڪو، ٽائينڪو ٿيو،
لوڙائُوءَ جي، لات لنوين ٿو،
جڏهين تند تپائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

اج تہ سڪيءَ آ سڏي ٻڌايو، منهنجو ساجن ايندو،
سوچي لڄ ۾، ساهُ وجي ٿو، ڪيئن منهان منهن ٿيندو،
آءٌ تہ ناتر، تنهنجي خاطر،
ڏڳ جهليو ۽ بيٺي آهيان،
پاند ۾ پيرون پائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

* * *

## وايون

سِرجي سورن ساءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

باک ڦٽيءَ ۾ بانورا، ڇير نہ ائين ڇمڪاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

پنهنجي پورن بگ هٿن تي، ميندي ڪين لڳاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

ڇير ڇڏي ڇرڪائي جيڪا، اهڙي پايل پاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

دل جو ڪورو خاڪ ٿئي، ڪو اهڙو راڳ ٻڌاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

ويڻ نسورا نيڻ توهان جا، ڪجل نہ تن ۾ پاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

پورن دل پروڻ ڪئي آ، گهور وجهي تہ نہ گهاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويل وَيَل لئِہِ ويٺا چوري، نيٽن نير نہ ناءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

ان جي دل جي دنيا جلندي، باهہ ٻري جنهن جاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

تون تہ اجايو جان وڃائين، ڪير مري ڪنهن لاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

چوڏس رات ۽ چنگ چپن تي، ڳاءِ، او راڳي! ڳاءِ،
اسان جي اڳ ئي دلڙي گهائي آ!

* * *

# وائي

دودي جو تو سودو ڪيڙو، نيرا تنهنجا پير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

ٻمن جي ٻوچاڙ منجهان پي، ڇُپي چوي ٿي ڪير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

مري وڃڻ ڪان اڳ ۾ تنهنجي، ڇانوَ ۾ ميڙيان ٻير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

سهڻيءَ سير ۾ مرندي سوچيو؟ ڪيا نہ پويان پير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

تنهنجي هڪڙي موت مٿان ٿي، ويرين جا ويا ڍير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

پاڻ سجاڻي ويا هون سَرِتا، ڪهڙا پنهنجا، ڪهڙا ڌير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

سر ۽ سوري ازلئون ناتو، سچا نہ آهن سير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

سج جون شاخون ٻڻجي ڦهليا، ڇُرُن جا سڀ ڇير،
موت تہ ڪوئي مِٺو ناهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

سانجهي، پيلا پن،
هوا جا جهلڪا جهيٽا جهيٽا،
واءَ ۾ سُڏڪي ويٺا!

ڪينر چوري، آخر ٿڪبا،
هڏڙا هيٺا، هيٺا،
واءَ ۾ سُڏڪي ويٺا!

لُڙڪ لڪائي لڄ منجهان ٿي،
چوندي ويني چيٺا،
واءَ ۾ سُڏڪي ويٺا!

مُند پَسي ۽ تنهنجا من ۾،
درد ٿين ٿا بيٺا،
واءَ ۾ سڏڪي ويٺا!

ويج اسان جا وڍ ائوڪا،
فرق نہ ڪن ٿا ڦيٺا،
واءَ ۾ سُڏڪي ويٺا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

پنهنجي من جي ميڻ بتيءَ ۾
خيالن جي وٺ ي ٿي،
ساري رک اُڏامي ٿي!

مُند ملڻ جي ايندي ايندي،
اندر آس اُڀامي ٿي،
ساري رک اُڏامي ٿي!

ڪا ڪا دلڙي ڪيميا قيمت،
ڪا ڪا مس اگهامي ٿي،
ساري رک اُڏامي ٿي!

جندڙيءَ جي هيءَ جوت بہ جلندي
جلندي هاڻ اجهامي ٿي،
ساري رک اُڏامي ٿي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

ماڻهوءَ من پرپائيندي آ،
سانت بہ کڏهن ڀڃائيندي آ!

وياکل دلڙي وقتي وقتي،
چانڊوڪيءَ کي چاهيندي آ،
سانت بہ کڏهين ڀڃائيندي آ!

شام لڙي ۽ سج جي لالي،
خوب لڳن کي لائيندي آ،
سانت بہ کڏهين ڀڃائيندي آ!

رات لڙي ۽ ماک سندي جو،
پايل پير ۾ پائيندي آ،
سانت بہ کڏهين ڀڃائيندي آ!

رات سڄيءَ جي رُئندن کي پي،
پرهہ ـ ڦُٽي پرپائيندي آ،
سانت بہ کڏهين ڀڃائيندي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَتِيَ لڙي ۽ ماڪ ۾ وهنجي،
گهوري گهوري گهائيندي آ،
سانت بہ ڪڏهين ڳائيندي آ!

لوڪ سُتي جو لِڪِي لِڪِي ۽
تنهنجي ياد ستائيندي آ،
سانت بہ ڪڏهين ڳائيندي آ!

ڏات اسان جو روڙي روڙي
ماس هڏن تان کائيندي آ،
سانت بہ ڪڏهين ڳائيندي آ!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

سرءُ سنبا هي تيز ڪري ٿي،
گل گل تي گهيرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
اچو تہ سج جا آهوڙيون اڄ
پوياڙيءَ پيرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
ڪائي ارٿي اوڙاهن ۾،
ڇپيون ڪن ڇيرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
سرهو جوبن، ڇانهين ڳپ جيئن،
آهي ڏس ٻيرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
چندن ٻوٽو ڇيپاٽيو ويو،
ڪيئن لڪين پيرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
سامِن رات لڙيءَ آ لڏيو،
ڏوپ نہ سي ديرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
عطرن هاٿا، ايٺ ٽٽي پيا،
هٿ نہ سي ديرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنبر اوتيل اندر وارا،
منهن ڪيو پل ميرا،
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!
واسُ تہ پوءِ بہ اچي ٿو!!

* * *

## وائي

سينواريل سنسار ۾ هت، بي موت مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!
اڄ پيار وري، ڪجهہ جيار وري، چو تہ مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!
شام سرءُ جي، پوءِ بہ ڪهڙي، ڳڻ ڳوت مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!
مُند مست اندر، پيار وندي وڻ، پوءِ تہ مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!
رُت ريتَ چڏي، منهن ڪي جي مٿيو، تو تہ مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!
ڪجهہ يار! ڪِلو، آ موت اٽل، ها! سو تہ مري ويندا‌سي،
اي هوت مري ويندا‌سي!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڳهيڙ نهاريان ڳهت ـ
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

سج بہ تپڪي انب جيئن آهي، ڇڇي ڪري پيو پٽ،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

جڪ اڇن ٿا، جان جلي ٿي، پاڻ تي ڪاوان ڪٽ،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

اڄو پنو هيئن اُپ ۾ ڏسندي، ساهہ کي آئي سٽ،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

سارا تارا اڄ تہ لڳن ٿا، اُپ جا ڇڪندڙ ڦٽ،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

ڪوراڙن جي ڪات، الاڙي! وات سندا وت وت،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

چنڊ! اسان تي چاندوڪيءَ جا، مٿان هارج مٽ،
رَندُ رُسي ويو آهي پرينءَ جيئن!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

ڏاگهـا وک وڌاءِ-
رات پوي ٿي رڻ ۾!

اڄ بہ تڪيندو رهندو هوندو، پرين اسان جي لاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

پرينءَ پسڻ ريءَ هيئن هتي ئي، جهري نہ جندڙي هاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

چرندو هل ۽ چور چڙي ڪي، پل لئہ روح ريجهاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

ويلَ اويلي، آءٌ اڪيلي، جندڙي ناهي جاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

تنهن ڪي سُڌِ ڪيئن ڏيندو ڪوئي، مران هتي جنهن لاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

ٻارين جو اڄ ٻار -
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

پنهنجي ناهيل، مورت ۾ تون، پنهنجو پاڻ ٻہ وار،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

پريت ۾ پنهنجا هڪ هڪ ساري، سيئي واعدا پار،
چو تہ صبحاڻي توز ٻہ نہ هوندين!

پَلُ پَلُ مَڌ - پيالو آهي، لُڙڪ نہ تن ۾ هارِ،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

ڏونگر جي هن پر آ ساجن، ڏونگر کي اڄ ڏار،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

چوڻ جو چاهين بلڪل چئي ڏي، هاڻ تہ پنهنجو ٺار،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

جوڀن - سيج سڌئي پئي سرتا! ٽاٽو هيئن نہ ٽار،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

توکي ماري موت، انهيءَ کان موت اڳيئي مار،
چو تہ صبحاڻي تون ٻہ نہ هوندين!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

دل تي رکجي هٿ، او يار!
پل پل آهن پيار!
هير ڳهُلڻ سان، پن لُڏِي تا
چيڙِن ڪائي تار،
پل پل آهن پيار!
چنبڙي چنڊ پئي ٿو اُڀ سان،
جڏهين وڇڙن يار،
پل پل آهن پيار!
ڪنهن ڪنهن جي لئِہ ڪانڊ ڪَتيءَ جي،
ڪبي تہ ڪن ـ لاٿار،
پل پل آهن پيار!
ماٺ ـ مُنيءَ هن ساز ۾ آهن،
ڪيئي سُرَ هزار،
پل پل آهن پيار!
چانڊوڪيءَ ۾ تنهنجون يادون،
پايان ماڪيءَ لار،
پل پل آهن پيار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ڪن ڪڙڪٻيتا آهن،
ڪڙنڊڙ ڪنڊڇار،
پل پل آهن پيار!
گل ـ گلابي گهڙيون سرهيون،
سڳنڌيون تنهنجي سار،
پل پل آهن پيار!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

اُڀري تو جيان اجهل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
تون ڪلين ائين ٿو لڳي جڻ مڌ جا ڪي مٽ ڪليل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سي نيڻ تنهنجا اڌ - ڪليل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
سمنڊ جي ساحل مٿان، سهٽي سپي هي چپ - ڪليل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
رات جي پوئين پهر، جاڙا پرون تنهنجا ڀنل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
تون ڪلي، مون سان ملي ۽ پوءِ به لڳندي آن رنل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
ڪنهن خزان جي واءَ مرجهائي ڇڏيئي منهنجا ڪنول،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!
منهنجي چانڊوڪي! مٺيءَ هن ۾ تون سچ پچ آن مليل،
ياد تنهنجي جيءَ جهوري!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

جل ٿل بادل بوندون برسن، ڪنوڙين جي ڪجڪار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

ٻلڪيءِ ٻلڪيءِ ۾ ڳائن جڏھين، ٻهراڙيءِ جا ٻار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

اندلٺ جو هر رنگ آ اُڏمو، پيءِ پسڻ جا پار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

لوڙائوءِ جون لاتيون ٻڌني، ڊريءِ ڊينگهر جي ڊار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

تاڙو ٻولي، وڄ پيي چمڪي، توتي محب ميار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

موتين جا سَوَ هار هوا ۾، جهولن ڏيلهن ڏار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

گهگهه انهيءَ گهنگهور گهٽا تي، وڄُ ڪري سَوَ وار،
الو ميان ـ ساھ اوھان جي سار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي من جا، اهڙيءَ مند ۾، مونجها مينگهه ـ ملهار،
الو ميان ـ ساهه اوهان جي سار!

وتيون پاڙيءَ وتيون ناهيان، وار وڇايان وار،
الو ميان ـ ساهه اوهان جي سار!

ياد اوهان جي يار هوا ۾، ڳلن جي هُبڪار،
الو ميان ـ ساهه اوهان جي سار!

راڳ اسان جو ريهون ٿي ويو، تند ٽٽي پئي تار،
الو ميان ـ ساهه اوهان جي سار!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

مُڪڙيون مهڪيون، پوپٽ اُڏريا،
رنگ فضا ۾ پکڙي ويا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
گرهڻ ۾ سج وانگر بلڪل،
ڪيڏو ڦٿڪي، تڙپن پيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
جن جي جان جلائڻ عيوض،
مهڪن، ڇهڪن، ٻهڪن ٻيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
گل جي ڇٽيل پَنڙن وانگي،
بسنت ۾ به ٽڙي نه سگهيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
تن جي تند تي، يادن هٿڙا،
گل - گلابي گيت ڇڙيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
”پرهَ ڦُٽيءَ جو ڪوئل“ وانگي،
ڪيهون، ڪيهون، ريهون ٿيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!
رات انڌاري، ڪينجهر ڪپ تي،
ڪڙ ڪبيتا جڻ ڪي ڏيا،
منهنجا گهايل گهايل اُدما!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

سَوَ سنيها تا ملن ـ
جڻ تہ نيڻن جي نماڻي نينڊ مان!
ماڪ ۾ وهنتل ڪنول، ڪينجهر اندر جهُومن جهلن،
جڻ ستارا سانت ۾، مون سان روئن ۽ ڪجهہ چون،
ڇپر جي ڇپرن منجهان، تا پيار جا پاڇا پون،
نيڻ - نجهرن ۾ ڏيئا، لُڙڪن سندا ٻرندا رهن،
جڻ تہ ٻن ڳڙڪن منجهان، منهنجا عڪس مون ڏي ڏسن،
هڪ جهلڪ ۾ جڻ صدين جا، سور تا سلجي وڃن،
جن منجهان جذبا، ٻسنتي ـ ٻاک جيان اُڀري اچن،
جيترو اونهو بہ وڃجي، اوترا اونها ٿين،
جڻ تہ نيڻن جي نماڻي نينڊ مان!

* * *

# چتاروا

”چنڊ ـ ڪلا“ جئن چنگ وڄايو، نڪتن ناچ ڪيا،
منڊ بسنتيءَ جون مَڌ پياليون آءُ تہ گڏجي پيون پيا!
آءُ تہ گڏجي پيون پيا، جو منڊ بہ نہ پنتي ورندي،
هيڪل پنهنجي ڪيسيتائين آخر پيارا سرندي!؟
منهنجي من ـ ڪنول مٿان تون ماڪَ ڦُڙو تي آءُ پلا،
پاڻ ڪي گڏجي پيئندو ڏسندي، جهومي ”چنڊ ـ ڪلا“.

*

نيڻ ـ تل جي لڙڪَ ڪنول تي،
منهنجي من جو پوئنرو اڏري،
پوئنرو اُڏري، ساز وڄائي،
ڏن اِنهيءَ تي، هير نچائي،
ڳائن تا ’آسا‘ لڙڪَ ڪنول،
جاڳن تا پيا، نيڻ ـ تل!

*

تنبوري جي تار ٽُٽي، جڻ سُڏڪو گهٽجي ويو،
سور انهيءَ ڪان ساز سندو هو اندر لڇيو ڦٿڪيو،
اندر لُڇيو ڦٿڪيو جو ان ۾ راڳن لاتو روڳ،
’تلنگ‘ لڳائي تئونس چڏي ۽ جيءُ جلائي ’جوڳ‘،
ڪنهن کي ڪهڙي ڪل تہ چا تي سڙيو ڪاميو ڪوري!
ڪيڏا سور سَنا پئي سڙندي، منهنجي منَ تنبوري!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏور وهن پيا هلر هلو،
چتجي تو پيو سُکل سلو،
سکل سلو ساهه اسان جو،
ماڻهوءَ تي ويساهُ اسان جو،
ماڻهو محبت وارا مور،
پاهه بکن ۾ چڻ کي ڏور!

*

ساهن جي سر ساز مٽان،
مرکن جا کجهه گيت ٻُڌان،
گيت ٻڌان، دل وندرايان،
دل ئي دل ۾ آءٌ ٻہ ڳايان،
مون سان گڏجي سڀ ڳائن،
سِڪ ۾ جهومايون ساهِن.

*

اڻَ کٽا، آسُون، اُڌمان،
جيوت جي لئِہ، توڙيون تنيا،
توڙيون، تنيا، لڏي پون،
سارا جذبا، ٻڏي پون،
چَٻٽا آهن، رُکڙ چٽا،
موتي، موتي اڻَ کٽا،

*

## ٽيڙو

ڊنڊ ۾ ڏيڏر ٽان ٽان ڪن ٿا،
لهر لهر ۾ چنڊ نچي ٿو،
رُلجي سلجي، راند رهن ٿا،

دلِ ديول ۾ ڏيئو ٻاري،
روز هلي هُوءَ ويندي آ،
واٽ وِهائڻ ءَ تاري.

پويون پهر، منهن تي ماٽ،
ننڊ ٻہ شايد هلي وئي آ،
وڻي پرين ءَ جي واٽ.

سون سريکي سانجهي ڇائي،
پکي پکڻ ءِ ماٺهو موٽيا،
تنهنجي ياد موٽي آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ ۾ مڌ جا مٽ ذرا ـــ
چنڊ نشي ۾ ٽيڙ ٽو ڪائي ـــ
تار ـــ پيالن جا ٽڪرا.

چانڊوڪيءَ پئي مڌ اوتي،
پرهَ ڦٽيءَ سان ويڙهي ويئي،
”رات“ پُسايل پوتي!

اکڙيون هونديون بند،
سپنن جي سنسار ۾،
ماٺهو ٻئي ڪنهن هنڌ.

چوريءَ ڏي نه نهار،
ڪانياٺي هڻ، پوک ڪي،
ڪائي ٿي پئي جهار.

اهڙو ڪهڙو نانءُ،
ڪاتب لکيو ڪاڳر تي،
هَڪو ٻَڪو ٿيو هانءُ!

## دوها

سارنگ جي سُرَ سُرَ ۾ سنيل، تاڙي جو آ تنُ،
جنهن لئہ ڪي ئي جهرٽا جهاڳي، مينهن وسي ٿو بن.

سُرَ ۾ سُرُ بہ سمايل آهي - سُرَ ۾ ناهہ سنگيت،
ڪنهن جي جيت بہ هار ٿِئي ٿي، ڪنهن جي هار بہ جيت.

پنهنجون دانهون پاڻ گهٽيم، پر پوءِ بہ اڃي پڙلاءُ،
اسان تہ تولئہ آتا آهيون، آءُ وري او سرتا! آءُ.

بن بن پڪي مان ٿو ٻوليان، پنهنجو ئي آواز،
ماڪ - وهوڙيءَ وستيءَ ۾ پيو سڏڪي ڪوئي آواز،

اور، ڪا ويٺا چور، ڪٿي آ ساهن جي سنگيت،
منهن اونداهي ميٽ، اسان جي پرهہ ڦٽي آ پيت.

آءُ هلي، او آءُ هلي، او آءُ هلي اڄ رات خيام،
چانڊوڪيءَ جي، چاڏيءَ مٿون، مان تولئہ اوتيان جام.

آءُ ٽلي ٽنگور اسان وٽ، ڏاڍي آهہ اُسات،
تنهنجي آڌر ڏيئو ٻاري، ٻوليون ڪائي وات.

مون وٽ آيو ميران جو من، جڏهين رات لڙي،
ساڳيون آسون، ساڳيا اُڌما، ساڳي مڌ ڪٽڙي.

پٽ ڌٽيءَ سان گهاريل گهڙيون، وسريون ناهن مور،
منهنجي من تي ساٽس سليو، ساري هڪ هڪ سور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدت کان پوءِ، ماٺ کي ٽوڙيو، آڻ اهو انسان،
جيڪو هت کي باغ بنائي، واسي سڀ ويران.

ڪنڌي ۾، بندوق تي ليٽي، سپاهيءَ آ سوچيو،
منهنجي ماءُ آ ڳوٺ انهيءَ ۾، جنهن ۾ بم ڪريو.

ڪن ۾شعلا، ڪنوٽيون ٻٽجي، ساڙي ڳوٺ ويا،
پره ڦٽيءَ جو، رک انهيءَ تي، چمڪن ماڪ ڦڙا.

چنڊ نشي ۾، تيز تو ڪائي، روئي هاري ماڪَ،
تنهنجي ڪوني، خالي چو آ، ڪاڏي ويا سڀ پياڪَ.

ڪوي اسان کي ڪان لڳي ٿو، جي ٿو ڪوئي ٻُڪَ مري،
ڏينهن ٿيا جو ڏيهه سڄو ٿو، ڏکڙا روز ڏري.

ڪاري رات جو پردو ڦاڙي، سچ جو ڪو سج ٻَري،
اهڙي پره پَري آ ساٿي! اهڙي پره پَري.

پوئين رات، پولار پسي ۽ ڏات هٽي سَو ڏنگ،
چو ٿو چورين چنگ ـ ڙي چورا! چو ٿو چورين چنگ.

شايد منهنجي موت پڄاڻا، موٽي پوءِ هو يار،
منهنجا هن کي ساري چئجانءِ، سائين! ڏاڍا پيار.

منهنجي موت پڄاڻا منٽرا، مينهن ڪري جي وسَ،
سارا پوٽا پسجانءِ ساٿي، ڳهمجانءِ سار ڳسَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي موت پڄاڻا جڏهين، چنڊ ڪري چانڊاڻ،
مون وٽ ٽلندو ٽلندو اچجانءِ، يار! اڪيلو پاڻ.

منهنجي موت پڄاڻا جڏهين، ساڳي مند وري،
منهنجي پر ۾ يار اچي تون! پئجانءِ جام ڀري.

چوڏهينءَ جي ٿي چانڊوڪي، چمندس تنهنجو مُکُ،
پنهنجا ڳوڙها، ماڪ وهائي، ڏوريندس ائين ڏک.

ٻيڻارين تي ٻول ڪيا هئي، جهونجهڪڙي جي جهانءِ ٿي ايندي،
پوياڙيءَ جي، پيشانيءَ تي، ڳاڙهه سِرِي ڪا سانءِ ٿي ايندي.

سنڌوءَ ڪپ تي، ياد اٿيئي، پير ٻنهين ها ڇاڇوليا،
لهر لهر ۾ ليئو پائي، گهايل، گهايل سپنا ڳوليا.

لهر لهر تي، ٻوڙ پري ۽ پيار وارن جا پير چميا،
پنهنجا پاڇا، ونڙي ونڙي، گهورَ ساگر تي خوب گهميا.

لهرون چمندي، هير ٿڌڙي، منهن تي بوند ڇڏيندي وئي،
پياسي من پئي اڇلون ڪاڏيون، دل جي اُڌمن دانهن ڪئي.

ساگر تنهنجي سيني مَئون مان، سهڻي ڳولڻ آيو آهيان.
آءُ وفا جي مورت پنهنجِي، تو مَئون ڦولڻ آيو آهيان.

رات لڙيءَ ۾، ماڪ پئي، مئخاني ڪي آ جهومايو،
مستَ نشي ۾ چُور ٽڙيا پئي، پياڪن لئہ مئي واجهايو.

منهنجي پيڙا آهه پراڻي، ويچ ڀڪيءَ مان ڪجهه به نه ورندو،
منهنجو بوتو مرڻو آهي، پر هيءُ گيت ڪڏهن به نه مرندو.

تنهنجو هرهڪ سُڏڪو ساجن! ساهه منجهان سُر بنجي نڪتو،
منهنجي لئِہ آ لُڙڪ لهوءَ جو، ماڻهن جي لئِہ آهي دوهو.

پنهنجي دل جي دنيا سائين! پاڻ ڪان ڪيڏو ڏور هئي،
پنهنجي ڪوتا، پيچ پنيءَ جو، جڻ تہ نشي ۾ چُور هئي.

سار اوهان جي، يار ائين جيئن، مينهن سندي آ پوئن ۾،
پنهنجون ڳهليون ڳهليون ڳالهيون، ڳائبيون رهنديون ڳوئن ۾.

سَچَ! اسان وٽ، سانجهيءَ ٽاڻي، چالئِہ آئين سُور ڪٽي،
پل پل جن جو پيڙا آهي، اهڙا ڪي ئي پور ڪٽي.

جيون رَت تي آس جون وڻيون، ٻاريو پيارا خوب پيڻ،
موت نہ تن کي مات ڪري ٿو، جوڻ مڻايو جڳ جڳ جيَڻ.

”ياد“ اهو ڦٽ آهي جاني، ويچ هٽان چٽندو نہ ڪڏهن،
ويتر سِمندو، چڪندو، مڏ - ماڻي ايندي مُند جڏهن.

ڪاريون ڪڪريون بوند وسائي، وڻري وڻري ڪاڏي ويون،
منهنجي من کي ساڻ نہ نيائون، جنهن ۾ ڪيئي جر جيون.

مينهن ڪٽي يا ماڪ ڦڙي، يا ڳل تان وهندڙ ڪو ڳوڙهو،
پاڻي آهي، پٽ تي ڪرندي، پنتي ڪجهه بہ چڏي نہ ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيل سنڌي مون ڏهر ڏهر تي، ڏيئو ٻاري ڇڏيو آهه،
تنهن جي راهه تڪيان ٿو وينو، جيڪو شايد اچڻو ناهه.

وياڪل من جي ويراني ۾، آس جا ٿوهر ڦٽي پيا،
نيٺ نہ وسندا، نيٺ نہ وسندا، نيٺ نہ وسندا مينهن ڦڙا.

پريت اسان جي، پرهہ ـ ڦٽيءَ جيان، رنگ رنگ روپ بنائيندي،
جنهن ۾ گل گل ناچ ڪندا ۽ مُڪڙي ڳائيندي.

ڏات ڏکن جي ڦلواڙيءَ جا، پن پن آهن پياڪَ،
نيڻ ـ ڳلن تي، ڳوڙها موتي، ماڻهن ليکي ماڪَ.

برهہ بحر ۾ من جي ناؤڪا، ٻڏتر ٻُڏتر راند،
وڪريل وڪريل، چنڊ جا ڳوڙها، پرهہ ـ ڦٽيءَ جي پاند.

چنڊ ننڊاڪي نچڻي آهي، گهنگهرو آهن تارا،
نچي نچي ۽ ڏئي هليا ويا، سپنا پيارا پيارا.

سڀ ڪو ماڻهو ننڊ سمهي ٿو، اُيَ پٽي ٿو تارا،
اُيَ اڪيون ٿو ٻوٽي جيئن ئي، ماڻهو جاڳن سارا.

اُبر پرين، او چنڊ پيارا! تون ڪا جوتِ جڳاءِ،
تارن چاڙهو ڪونہ ڏيکاريو، اوندهہ جاءِ بجاءِ.

چنڊ سندا اڄ ٿهڪ نشيلا، ٿيڙو بنجي ويا،
رات، ازل جا راز اسان سان، ساري سڀ سليا.

اوندھ جو سپ زھر سھيڙي، ھڪڙي گيت ڏيان،
جوتِ اندر پوءِ، جيئڙا جرڪن، تن ۾ امر ٿيان.

آءٌ ڪلا جي ڪچ ۾ پنھنجي، مُڪتي ماڻڻ چاھيان،
جي ڪجھ آھيان، ڪوتا آھيان، باقي ڪجھ بہ ناھيان.

منھنجا گيت برابر توکي، ڏؤ نہ ڏيندا يارَ!
تنھنجي ڏؤ جو راز جنھين ۾، سائي ڏيندءِ سارَ.

ھلڪي ھلڪي بوند پئي جڻ، "ياد" اچي ٿي ڇيريون پائي،
خنڪي آھي خوب ھوا ۾، منڙو پيي ٿو اچلون ڪائي.

آڏيءَ تائين چندَ پرين! چو، جُھڙ ۾ پاڻ لڪايو ٿئي،
ڪنھن ڪنھن ويري ليئو پائي، گھايل دل کي گھايو ٿئي.

چندر نہ آھي چڪور چريا، تون ڪنيڙا ان سان ڪين لڳاءِ،
جاني منھنجو نندر سُتل آ، تنھن کي ھرکي ڪين جاڳاءِ.

چمڙو ناھيان، چمڙو ناھيا، سچ سان آھي منھنجو پيارُ،
ھاءِ چڪورا! منھنجو پيي آ، چندر جيان ڪوئي پيارو يارُ.

پونءِ سجيءَ تي، پينگ الاڙي! ڪوئي بہ پڙاڏو ناھي سڌ،
مون سان شايد مري وجي ھي، ساھ سان جيڪو آھي گڏ.

توکي اربيبر جان سچي، مان رھيو آھيان باقي گيت،
منھنجي منشا موج ۽ مستي، مڌ جو پيالو منھنجو ميت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ تنهنجا سات پلا پر، پنهنجا سوڻ نہ سڦل ٿيا،
مينهن چوي ٿو ناچ ڪيا، پر گهنگهرو ريهون ٻڌجي ويا.

هاءِ اُتي جي هير اندر هي، ڪنهن جا ڳوڙها ڳڏ آهن،
ڇاتي ڇهندي، ڳل ڳل چمندي، وياڪل وياڪل، من بنائن.

ڪڪر ڊڪي ويا، چنڊ پريءَ ڪي، پنهنجو منڙو آهہ چڪورُ،
ڪنوڻيون ٻڌجي ڪاٽ هٽي ٿو، چاهت ڪارڻ ٻڌجي چورُ.

دونهاٽيل آ دل جي دنيا، ڪيرو ويرو آهي ساهُ،
پوءِ بہ اسان جو توسان آهي، هاءِ حياتي، ڪيڏو چاهُ.

آلا اسونهين، واٽ انڌاري، ساري وستي آ ويران،
اُتي ستارا واٽ ڏيکارن، جتي نہ ڪوئي آ انسان.

گهُگهَہَ گهٽا جي ڏوليءَ ۾ ٿو، چنڊ لڏي پيو آڌيءَ رات،
سانت انهيءَ ڪي لولي ڏيئي، لنوين سپاجهي ڪيڏي لات!

چنڊ گهٽائي چال ڏنا پر ان ڪان ڏاڍو ڏور ڪراڙ،
جنهن ۾ ڪنول ڪڪوريا جهومن، جَر ۾ جن جي آهي پاڙ.

ڪلڻ توهان جو ڪنوڻ ڪنوائي ـ من جي بن تي بوند وسي،
روح سڙيل جي رڪ مٿان چڻ، رات لڙيءَ جو ماڪ پئي.

هر رات ڪَتي آ سير ۾ ٻڏندي، پنهنجي ميهر ماڻڻ لاءِ،
هر رات وهاڻُو وَسَ ڪندو آ، پرهہ نئينءَ جي آڻڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر رات ستارا ڳوڙها ڳاڙي، ڪنهن جي راهه تڪن ٿا پيا؟!
منهنجي من جو چين چورائي، ويندڙ اڳتي نڪري ويا.

چورا ڪورا چت چريو ڪيو، پورا پورا ٿي ويو منُ،
تنهنجي آس ائين اسان لئِہ، آدم لئِہ جيئن آهي انُ.

رات ڏڪن جي، ڪاٽڻ اوکي، ڪائڻ آئي جڻ اڄ پونءِ،
اُپ جي ڦرڙي، چندبِ ڦِسي پيو، چاندوڪي جڻ آهي پونءِ.

تو ريءَ دنيا، خالي کوکو، هيري ريءَ جڻ آهه سِپي،
اُپ جي اک جي ٽِنِري ۾ آ، تارو تارو جڻ تہ ڇِپي.

ڪڪري اُپ ڏسڻ سان ئي، هاري ڪيڙي ڪيت،
بيجو چنبو، اُيري ايندا، جيئرا جيئرا بيت.

هل تہ هلي نپرايون ڏاٽا، چيٽ تئي تو پورو،
پَرُ بہ ڏنئي پوءِ ”لائي“ ”لاپو“، مليو پورو سورو.

ٻُڪيا ٻچڙا، سُڪندڙ سلڙا، جُهرندڙ جندڙيون هاءِ،
نينگرِ پنهنجا، انگ اگهاڙا، ليڙن ۾ ئي لڪاءِ.

ٻڪيا ٻالڪ ننڊ ڳهي وئي، ممتا ماري ماءُ،
وِسيل چٽنگ، چلهي ۾ ڏسندي، چنڊ کي رسيو ڳهاءُ.

ڪَتِي مري وئي، ٽيڙو ڇاوا، جڻ تہ مرڻ جي ڪاڻ،
پوءِ بہ گهڙي ڪن، گهُگهُ اونده ۾، چمڪِي ڪن چانداڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاري ڏاڍا ٿمڪا ڪاڏا، پوءِ بہ ڏسي اونداھ،
لاٽ ڪري ۾ ليڪ بنائي، ڻاھي ويو ڪا راھ.

من جي بن تي بوند نہ ڪائي، سالن جي آ تاسَ،
يادن جا اڪ پوءِ بہ ڦٽن ٿا، مينهن پوڻ جي آس.

دل ديول جا ديپ اجهاڻا، موڳو ٿي ويو منُ،
چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي ٿو پيو، ڪيئن پپر جو پَنُ.

پاڻ سُتا سون ننڊ نشي ۾، چنڊ رُنو چاڪاڻ،
ننڊ جي عيوض ڪوئي ويري، گهر لٽي ويو هاڻ.

واريءَ مُٺِ جيئن وقت وهي ويو، هٿ وٽين مان هاڻ،
اٽڪيهينءَ تي، چنڊ نہ ايندو، ڪڏهن بہ ڪنهن جي ڪاڻ.

چنڊ ڪڪر مان ليئا پائي، پوءِ بہ ڪري چانڊاڻ،
اونده رهٽي ناھ سدائين، گس لڪائڻ ڪاڻ.

چار ڏسائون، خاموشيءَ جي، ڪُن ۾ ٿي ويو گم،
جيءُ چوي ٿو، رڙيون ڪري ۾ خوب مچايان ڌمُ.

ماٺهوءَ جو من بالڪ ننڍڙو، ريجهي راندين ۾،
ماٺهوءَ جو من ڦٽيل مِرُونءَ جيان، ڪنهن کي وٺ نہ ڏئي.

خوشبوءِ گل جي، هوا سان گڏجي، اهڙو رنگ رچايو،
چڻ تہ فضا، خاموشيءَ ۾ ڪو، گيت انوکو ڳايو.

تارا سيئي ڏنڌ تڙيل، هيءَ ڪاري ڏائڻ راتِ،
جنهن جي پوَ ڪان پونءِ ڏکي وئي، ماڻهو چُپِ چپاتِ.

جهولو ڪوسو، هيل بہ ساڳيو، چاڙهيندو تہ ضرورُ،
ڪچڙو ڪچڙو آهہ وڻن ۾، مَسَ ڦُٽو جو بُورُ.

تو ۾ مکڙي راز هزاين، روپ، رنگت سان گڏ سُرهاڻ،
جهومي جهومي، نچي نچي، مهڪي ماڪ سندي مَڌُ ماڻ.

ساهن ۾ جڻ ڏوپ دکايل، مکڙو پهڪي موتئي جيان،
چَپُ چري جڻ چنگ وڄائي، ٺهڪ نچائن مستيءَ جيان.

پنهنجي هستي ڪجهہ بہ نہ آهي، آهي سڀ ڪجهہ توئي ساڻ،
واسُ بہ تنهنجو، وڻُ بہ تنهنجو، تنهنجو آهي مون ۾ پاڻ.

سونهن مٿي ڏس، سج، چنڊ، تارا، ساري ڌرتي سندر سپنا،
پر جو ماڻهوءَ جو من آهي، اهڙي سهڻي چيز نہ آ ڪا.

چانڊوڪيءَ جي ساز مٿان من، راڳو ڳايو راتِ پني،
ڪَتِي سمهي پئي، ٽيڙو جاڳيا، ماڪ سندي جن مڌ ڏني.

منهنجي مٽ مان مڌ پئين تو، ڇا جي لئہ تو ٿئين بدنام،
ماڻهوءَ جو جت رتُ ٿو پئجي، مڌ اُتي هيءَ آهہ حرام.

جام اسان جو چوليون ماري، چلڪڻ جي لئہ آهي آتو،
ان مان سوئي ليئا پائي، گيتن ۾ مون جيڪو ڳاتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ريڪائون پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

دلين جا داخلي رستا(شاعري) رحمت پيرزادو........................2016

اُداسي(شاعري) سنلو پيرزادو..................................................2017

ساحل مٿان هوائون(شاعري) رحمت پيرزادو............................2019

خمارُ تنهنجي اکين جو آهي(شاعري) رحمت پيرزادو..............2020

سنڌ جون ادبي سوسائٽيون(تحقيق) مختيار احمد ملاح.........2020

مُڪڙيون ماڪَ ڦڙا(شاعري) ميرمحمد پيرزادو.........................2021

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُکڙيون ماکَ ڦُڙا

شاعري

مير محمد پيرزادو

ريڪائون

title: murtazalaghari



**مير محمد** پيرزادي جو جنم، سنڌ جي سچائپ ۽ عظمت جي اهڃاڻ "موهن جي دڙي" ويجهو "ٻلهڙيجي" جي ڳوٺ ۾ ٿيو آهي. ۽ سندن جيون جا جوڀن- ونت پل، "موهن" جي مٽيءَ سان وابسته رهيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هُن جي شاعريءَ مان مون کي هميشه موهن جي دڙي جي مٽيءَ جي ڀيني ڀيني خوشبوءِ ايندي آهي.

مير محمد وٽ ڏات بہ آهي تہ ڏانءُ بہ. هُن جا گيت، غزل، بيت، وايون، نظم، آزاد نظم سڀ زندگيءَ جي پيڙا، زندگيءَ جي سچائي ۽ زندگيءَ جي سوڀيا جا سچا عڪس آهن. هن جي ٻولي سادي، سهڻي، سُريلي ۽ سچ - ڪوڏين جهڙي خوبصورت آهي. سندس تشبيهون ڪوريون، نڪوريون، نج ڳوناٺيون ۽ ٻتر جي گُلن جهڙيون سُندر آهن. هن جي گيتن ۾ ساون ساون کيتن جو هُڳاءُ، سونن سنگن جي سونهن ۽ ٻوڙيندي ۽ ٻين جو مڌر سُر، چانڊوڪيءَ جو مڌ ماتو روپ، سنڌوءَ واري موج ۽ مستي ۽ پرهه جهڙا پيارا پيارا اندلٺي رنگ سمايل آهن.

تاج جويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book